ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا

191



## گائِڪ ڪلاڪار: ڪاجل چنديراماڻِي

Hardik Dayaramani
Prakash Dayaramani

93772 23933
93742 23933
95372 79630

**Hardik Plywood**

eco décor INNOVATION NEXT
MaxxiGLOSS
redifining luxury

eco décor INNOVATION NEXT
MULTY WOOD
Smarter Than Wood
PVC/WPC BOARD

Shop No. 1, Plot 575, Ward 12-C, "Sai Kripa Complex",
Police Station Road, Gandhidham-Kachchh-370201.

**Mahendra M. Ahuja**
+91-98252 27326

**AHUJA TRADERS**

**Shop No. S.E.X. 31,**
**Maitri Road,**
**Adipur-Kutch.**
**Tel.: 02836 (S) 263 350 (R) 261 750**

*Authorised Dealers*

ASTRAL PIPES

jaquar
experience bathing

asianpaints

# اِشاعت جو اٺيتاليهون سال

Sahit Ain Kala Ji RACHNA

ساهت ۽ ڪلا جي

## رچنا - ١٩١

Editor: Mukesh Tilokani

اِيڊيٽر: مڪيش تلوڪاڻي

سال: 48 Year- 48

اَنڪ: 191 Vol-191

(July - Sept -2026)

جولاءِ - سيپٽمبر 2026

في اَنڪ: -/80 رپيا

Price Rs.80/-

Annual Subscription Rs.250/-

Life Subscirption Rs. 2000/-

ڀارت کان ٻاهر:

100 يو. ايس. ڊالر


## ڀاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O. Box- 10 Adipur (Kutch) 370205

Mobile: 9081669122 Email: sindlogy@yahoo.com website: www.sindhology.org

سلسلو: صفعو


| | |
|---|---|
| اَسانجي طرفان | (3) |
| واقفيت/ ڪاجل چنديراماڻي | (5) |
| ڪاجل چنديراماڻيءَ جون يادگار تصويرون | (8) |
| وائي/ ڪيمن يوُ. موُلاڻي | (9) |
| قطعا / ڊولڻ 'راهي' | (10) |
| غزل/ڪنعيو موٽواڻي 'ماندو' | (11) |
| غزل/ ناري لڇواڻي | (12) |
| غزل/ راجڪمار مسند 'راج' | (13) |
| غزل / ڪرن پرياڻي 'انمول' | (14) |
| غزل / نيتا لالواڻي | (15) |
| ڪوتا / سنڌيا چندر ڪندناڻي | (16) |
| ڪهاڻي/ جيئن تون هلائين!، ڄينو لالواڻي | (17) |
| ڪهاڻي/ اَڪيلائپ سان سمجهوتو،لعل هوتچنداڻي 'لاچار' | (26) |
| مقالو / نئين ڪويتا ۽ اُنجي پريڀاشا، ديوي ناگراڻي | (37) |
| مقالو/ ريٽا شهاڻيءَ جو سنڌي ڪٿا ساهت ۾ يوگدان، ڪنعيالال ليکواڻي | (49) |
| شرڌانجلي/ شُياس شرما، لڇمڻ اُڌارام ڀمڀاڻي | (62) |
| ग़ज़ल/ बलू चोइथाणी | (१) |
| ग़ज़ल/ मनोज चावला ‘तन्हा’ | (२) |
| कहाणी/ ममता जो मौत/ लछमण भंभाणी | (३) |

## اَسانجي طرفان:



# ڀلائيءَ جا ڀاڙا

**ڪَرَڻُ آهه بهتر سَيِڻ سان ڀَلائي،**
**چڱي ڳالهه اهڙي نہ ٻي آهه ڪائي،**
**ڀلائي ڪندين تان ڀَلو تنهنجو ٿيندو،**
**ڀَلائيءَ جا ڀاڙا ڏٽي توکي ڏيندو.**

اِهو سَچ آهي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن ۾ بہ ڪهڙي بہ روپ ۾ ڪم پئجي سگهي ٿو. اِنسان کي هميشهہ شُڪر، صبر، ۽ شانتيءَ ۾ رهڻ گهُرجي ۽ ڏکئي وقت ۾ ضرورت مند جو ڪم ڪرڻ گهُرجي.

جيڪو ڏکيي وقت ۾ ڪنهنکي ڪم اَچي ٿو تہ موٽ ۾ مالڪ بہ اُنجي مدد، ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڪنهن نہ ڪنهن رُوپ ۾ ڪيس ڏيئي ڇڏي ٿو. اُن ۾ ڪو شَڪُ نہ آهي.
هِڪَ چوڻي آهي تہ:-

**هِڪَ هٿ سان ڏِجي تہ ٻيو هٿُ بہ نہ ڏسي.**

باقي ڏيئي نہ پچارجي، ڏيڻ، ڏيارڻ وارو تہ ڏاتار آهي.
هِڪُ عام اِنسان تہ صرف وچون ذريعو آهي.

اِن ڪري شاعر پنهنجي سٽن ۾ چوڻ چاهي ٿو تہ بهتري، سُنائي، سخاوت، شانُ، اُنهيءَ ۾ آهي تہ سِپني سان ڀلائي ڪَرُ، ڪنهنجي لاءِ بہ بُرو نہ سوچجي.

ڀلاري ڀونءِ سنڌُ جو ڀلارو ڀٽ ڌڻي، شاه عبداللطيف پنهنجي ڏوهيڙي ۾ وري هيئن ٿو لکي:

**چڱا ڪَنِ چَڱايُون، مَٺايون مَٺَنِ،**
**جو وَڙُ جُڙِي جِنِ سين، سو وَڙُ سيئي ڪَنِ.** (شاه)

اِنڪري هميشه چڱائيءَ جا ڪم ڪرڻ مانش جنم جو مانو سڌ اَڌيڪار آهي.

رچنا مخزن لاءِ اوهان پنهنجون اَڻ ڇپيل رچنائون جلد بہ جلد اَسانکي ڏياري موڪليندا تہ اَسان توهان جا نهايت شڪر گُذار رهنداسين. اَسانجي منڙي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ، کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ مخزن جو چندو ميمبر شپ ڀري پنهنجي فرم آفيس دُڪان جو اِشتهار ڏيئي مددگار ٿيندا. مهرباني.

**مڪيش تلوڪاڻي**


**Editor:**
**RACHNA Magazine,**
**INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY**
**P.O. Box- No. 10 (Ward-4A)**
**ADIPUR (KUTCH) 370205.**
**Email: Sindlogy@yahoo.com PH: 9081669122**

---

**Published and Printed by Shri Sahib Bijani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward/4A, near. Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch)-370205, Printed at Scan Computers Commercial Art Printers, 3, Radhyshyam Apartment, Naroda Road, Ahmedabad 382340**

**Editor: Mukesh Tilokani.**

## واقفيت/



# ڪاجل چنديراماڻي

ڪاجل چنديراماڻي سنڌي سماج جي هڪ بهترين گائڪا آهي. سندس جنم 13-11-1965 اَحمداباد (گجرات) ۾ ٿيو.

هُن شروعاتي اِسڪولي تعليم مائونٽ ڪانوينٽ اِسڪول اَحمداباد مان ورتي. هن بي. ڪام. 1986 ۾ ايل ايڇ ڪامرس ڪاليج اَحمداباد مان پاس ڪيو.

ڪيس ننڍي هوندي کان سنگيت ۾ تمام گهڻي رُچي هُئي. هُن 13 سالن جي ننڍي عُمر ۾ ئي اِسٽيج تي ڳائڻ شروع ڪيو.

هوءَ پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي جي ڏوهٽي آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ سنگيت جو جذبو هُن کي ورثي ۾ مليو آهي. سنگيت هُن جي نس نس ۾ سمايل آهي.

شروعاتي شاشتري سنگيت جي تعليم شري ڪرشن ڪانت ڀائي پاريک ميواتي گهراڻي اَحمداباد وارن کان ورتي.

تنهنڪان سواءِ گيتا پريم، ڪاجل هندي فلمي جڳت جي ناميارن سنگيتڪارن، ڪلياڻجي آنند جي ڀائي، جگجيت سنگهہ، پرشوتم اُپاديايہ ۽ آشيت ديسائي جهڙن ڳُڻي فنڪارن سان

ويجهڙائپ رهي آهي ۽ اُنهن وٽان پڻ خاص ڄاڻ حاصل ڪئي اٿائين.

ڪاجل ڪيولراماڻي آڪاشواڻيءَ ريڊيو جي سُگم سنگيت سنڌيءَ ۾ A گريڊ ۽ گجراتيءَ ۾ B گريڊ مانيتا حاصل ڪيل ڪلاڪار آهي.

ڪاجل سنڌي صوفي سنگيت، لوڪ گيت، غزل، ڀڄن ڳائڻ ۾ ماهر آهي.

تنهنڪان سواءِ هندي، گُجراتي، اُردو، پنجابي ٻولين ۾ ٻه هن ڪجهه گيت ڳايا آهن.

هن ڪيترنُ وڏن اِسٽيجن تي پروگرام ڏنا آهن. جئن ته:

راڄ يون مُمبي، صوفي فيسٽيول دهلي، SANA ڪانفرنس (يو.ايس.اي)، ورلڊ سنڌي ڪانفرنس لنڊن هن ڪيترن اِنٽرنئشنل سنڌي پروگرامن ۾ ڀهرو وٺي پنهنجي منڙي آواز سان سنڌي عوام کي سنگيت جو آنند وٺايو آهي.

ڪاجل پهرين سنڌي عورت آهي جنهن ذي.ٽيوي چئنل جي بهترين ميوزڪ ريئليٽي شو 1997 ۾ سا.ري.گ.م.پ سنگيت پروگرام ۾ فائينل ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو هو.

***هُن سنڌي فلمن: ڪير ڪنهنجو، هليو آ پُٽُ ائڪٽر ٿيڻ، سائين ٽينئون رام ۽ آخرين ٽرين.**

**هندي فلم : ڪؤن ڪري قُرباني.**

**گجراتي فلم : 'هُون هُشي لال' ۾ گيت ڳايا آهن.**

سندس گيتن، ڪلامن، غزلن، ڀڄنن جا آڊيو ڪئسيٽ ۽ سي ڊي ٽپس، وينس، ٽي.سيريز ڪمپنين ڄريون آهن ۽ سنڌي عوام اُهي ڪئسٽون تمام گهڻيون پسند ڪيون آهن.

1. سنڌڙي منهنجي اَمڙ
2. دمادم مست قلندر

3. هوجمالو
4. ٻيڙي پار لڳاءِ لالڻ
5. ڪٺپتي ٻاپا موريا (ڀڄن) هندي.

ڪاجل چنديراماڻيءَ جا ڪيترائي سنڌي هندي گيت، ڀڄن يوُٽيوب ايپ تي رڪيل آهن.

***مليل آوارڊ ۽ مان سنمان:-**

موهن چاٻڙيا اَوارڊ، رام پنجواڻي اَوارڊ، سي، لڪميچند اَوارڊ، سنڌيت اَوارڊ، پريہ درشني اَوارڊ، سهيوگ فائونڊيشن اَوارڊ، سول (لائين) اَوارڊ، www Iconic اَوارڊ.

اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان اَوارڊ ۽ ٻيا ٻہ ڪيترائي مانَ، سنمانَ ديش، وديشن مان مليا اٿس.

ڪاجل چنديراماڻي پنهنجي گُرو دادا جي پي. واسواڻي جي آشيرواد سان اَڃا ٻہ پنهنجي سُمڌرُ آواز سان سنڌي گيت سنگيت ۾ پنهنجا پختا قدم اڳتي وڌائي رهي آهي.

هُن ڀارت ديش جي ڪُنڊ ڪُڙڇَ کان سواءِ ڪيترن ٻاهرين مُلڪن ۾ پڻ سنڌي شاندار پروگرام ڏنا آهن.

ڪيس سنڌي ٻولي، سنڌي جاتي، ۽ سنڌي سنگيت سان بيحد مُحبت آهي.



# ڪاجل چنديراماڻيءَ جون يادگار تصويرون



## وائي/ ڪيمن يوُ. موُلاڻي



جنم جنم جا واعدا. تُنھنجا ھا مون سان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

1. سجُ چندُ ٻَرنِ شاھدي، پُڄُ ٻَلِ تارن ڪان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

2. واءُ ٻہ تو واڪا ڪري، ڏسي لڙڪ اک مان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

3. وقت نہ ٻيھر موٽندو، چو نہ وَروُن تون مان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

4. نيٺ تہ ٿيندو سوجھرو، ويندي رات ھتان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

5. گل ڦل پڻ پوندا ٽڙي، خوشبوُءِ رنگڙن سان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

6. ھير ٻہ ٺاريندي بدن، اِيندي جھر جھنگ ڪان،
چا لاءِ تي ليڪا ڪرين؟

**A-New 14/134,**
**Bairagarh,**
**Bhopal-462030**
**Mob: 7987036540**

# قطعا / ڏولڻ ’راهي‘



1. باس باسي اَمڙ، آس مس مس پُني،
مُنهنجي گهر ۾ ٿيو ٻارڙي جو جنم،
ٻُنڍِ مان خرچيِ ڏيئي ڪٽي گود ۾،
جيجان آسيس ڪئي سا اَمولڪ لڳم.

2. گُهنج چهري تي، ٻانهن هٿن تي ڏنم،
گُهنج هر هڪ منجهان چڻ پئي ممتا ٿِمي،
شال تُنهنجن دُعائن جو هٿڙو هُجي،
او اَما ! ٻارڙن جي مٿان دائمي.

3. مُرڪَ جي ريکَ هلڪي گهٽو ڪي چوي،
نوُر مُکڙي تي ٻچڙي جي آئيندي جو،
ڀاو تُنهنجي مان ظاهر ڪُٽنب جي خوشي،
جهوُر نيڻن ۾ ماضي لڳئي چمڪندو.

Flat No. 602
Florence Bldg,
Pragati Nagar,
Kotra- Ajmer-305001,
Mob: - 9468868812

## غزل / ڪنعيو موٽواڻي ’ماندو‘



سِگري جذبن جي اُجهامي پيئي.
آس خوابن جي اُيامي پيئي.

ٻاڦ اهڙي آ جهان جي، جنهن ۾،
روز خواهش ڪا اُڏامي پيئي.

ڦوڪ ڏيئي ڪو تہ ٻارڻُ ٻاري،
چڻگ ٻوليءَ جي وسامي پيئي.

آبروءَ جي نہ آ چنتا ڪنهنکي،
جي وڪامي ٿي وڪامي پيئي.

عقل وارن جي زباني جنگ ۾،
ڳالهہ چرين جي اڳهامي پيئي.

سُکن لاءِ وقت لڳي ٿو ليڪن،
پيڙا هر روز ويامي پيئي.

داءُ جي هُن جو لڳو آ ’ماندا‘،
دل پلا ٿُنهنجي چو خامي پيئي.

57. Laxman Nagar,
SantHirdaram Nagar,
Bhopal-462030
Mob: 8989543412



## غزل/ ناري لچواڻي

# پاڪُ رهڻ جي هير پِيل ٽس

چِرڪَ پَرائي چِيرِ سَجَڻَ جِي، گُل ۾ گُلشن کان وڌِ خوش ڏِسُ،
گهائي گهُمنڊڙ گهيرِ سَجَڻَ جِي. لڳل اڱڻ ۾ ٻيرِ سجڻ جِي.

ورِ ورِ وينِي چُمي ڪِلنِ ڪي، سُرهاڻ سمايلُ نرم بدن،
نہ،چنچل چڳ هئن هيرِ سجڻ جِي. چندن ٻٽي آ ميرِ سجڻ جي.

جوڀَنُ جيڪر جرڪِي پئي اڄُ، پاڪُ رهڻ جِي هير پِيل ٽس،
چُنرِي هيڪر ڪيرِ سجڻ جِي. ڪا - ڪا عادت ڦيرِ سجڻ جِي.

ڪيسِين هڪ هنڌِ ٻيٺِي هوندِي، ڪي شعر لِکان،جي مِلِي وجي،
دلڙِي مون ڏي سيرِ سجڻ جِي. پيشُ، زبر يا زيرِ سجڻ جِي.

هلڪا هلڪا گهاو ڪري ٿِي، چِرڪَ پرائي چِيرِ سجڻ جي،
مِلڻ اَچڻ تي ديرِ سجڻ جِي. گهائي گهُمنڊڙ گهيرِ سجڻ جي.

A- 31, New
Bairagarh, Bhopal-462030
Mob: 8989438294



## غزل/ راجڪمار مسند ’راج‘

سلسلو زندگيءَ جو هلندو رهيو،
ڪوئي ڄمندو رهيو، ڪوئي مرندو رهيو.

عُمر پر ٻين جو پي تماشو ڪيو،
هاڻ پنهنجو تماشو هو ڏسندو رهيو.

مفلسي بدنصيبي سدا ساڻ هئس،
رهبرن جي دلاسن تي جيئندو رهيو.

خانداني اُصوُلن تي قائم رهي،
ظلم سهندي ٻہ سَچ تي هو هلندو رهيو.

ڪي دلاسا ڏئي ٻارُ سُمهاري ڇڏيو،
نند ۾ پَرَ سَڄي رات رُئندو رهيو.

هو ٻُري ڪي ٻُرو ۽ سُٺي ڪي سُٺو،
روز چوندو رهيو، ڏوهه ڪندو رهيو.

بي وفا يار جي ياد آيس جڏهن،
ڪي پُراڻا ڪڍي خط هوُ چُمندو رهيو.

رام رحمان ۾ فرق ڪو ڪين آ،
ميڪدي ۾ اِهو بحث هلندو رهيو.

خوف دل ۾ سندس ڪو سَمايل هُيس،
پنهنجو پاڇو ڏسي ’راج‘ ڊڄندو رهيو.

**Masand Villa, E-9**
**Anandam World City Kachna**
**RAIPUR - 492001**



## غزل/ ڪرن پرياڻي ’انمول‘

وِک وِک اڳتي ڪٽندي عورت،
منزل ڳولهي لهندي عورت.

جهانسيءَ جي راڻي زنده آ،
خنجر هٿ ۾ ڪٽندي عورت.

سيتا سپ ڪُجهه سنو نماڻيءَ،
رام ڪان پرکشا وٺندي عورت.

چنتا چڙ هاڻي سنڌ امڙ،
ڏاڍين سان هيءَ پُڄندي عورت.

ڪلجُگ ۾ ڪرشن اچي ڪٿان،
پاپين کان ڪيئن بچندي عورت.

سَسُئي سهڻي مومل بڻجي،
ڍائي آکر پڙهندي عورت.

ڪورَو پاندو هارائي ويا،
جيون جي جنگ کٽندي عورت.

شاهه سچل تي سرڙو واري،
پنهنجو رسالو لکندي عورت.

ڪڏهن نه پٿر بڻبي هاڻي،
چٽڪ بڻي اڄ اُٿندي عورت.

سمنڊ سمورو اکڙين ۾ تس،
ڪڏهن نه پياسي مرندي عورت.

چؤسر بؤسر پلجي وڃجو،
داءُ نئون هڪ هٽندي عورت.

تون به سُجاڻي وڃجان "انمول"
ظُلم نه هاڻي سهندي عورت.

تون به خدا ڪَن لائي ٻُڌجان،
آڪاش نئون ڇُهندي عورت.

92, Katju Colony,
Indore - 452007 (M.P)
Mob: - 8319010885

## غزل / نيتا لالواڻي



سچ چئي پو چو لڳو جڻ پُل تہ ڪائي ٿي وَئي،
مون نٽي چاهيو مگر پو ٻيي لڙائي ٿي وَئي.

تو بنا محفل هُئي بي رنگ، ۽ بي جان جڻ،
اِئن لڳو تُنهنجي اَچڻ سان روشنائي ٿي وَئي.

ڪين رشتو هو ڪو توسان، ڪو بہ ناتو ڪين هو،
پو اَلائي ڪئن اَچانڪ ئي پنهنجائي ٿي وَئي.

مون ڪرڻ چاهي هميشھ ئي وَفا هر حال ۾،
پر نہ چاهيندي مگر ڇو بي وفائي ٿي وَئي.

ڇو ڪيان چنتا لڪيل جو آ اَوس ٿيندو اُهو،
جڏهن ئي آيو خيال چنتا جي وِڏائي ٿي وَئي.

جي ڪيان شڪوا، گلا ڪنهن سان ڪيان ۽ ڇو ڪيان؟
هن زماني ڪان تہ منهنجي واندڪائي ٿي وَئي.

سچ چوان 'نيتا' جڏهن ڪان شاعريءَ سان دل لڳي،
پو تہ منهنجي پاڻ سان ئي ويجهڙائي ٿي وَئي.

**Prism Park, A-502, A-Wing,**
**Near: Union Bank of India,**
**Press Bazar,**
**ULHASNAGAR- 421002**
**Mob: - 8766491424**

## ڪوتا /سنڌيا چندر ڪندناڻي



تو سنڌيءَ ۾ نہ
پر
ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ چيو
اسان
موهن جي دڙي جا وارث آهيون.
تڏهن ڪان مون
ٻين ٻولين جو دامن پڪڙيو
۽
هاڻ ڏس
مان پنهنجي ڀرپور ورثي ڪان
لاوارث ٿيس.


C- 3/1501, Lok Everest CHS Ltd,
JSD Road, Opp. City of Joy,
Mulund (West), Mumbai-400080
(M) - 9004641523




## ڪهاڻي/ ڄيٺو لالواڻي



# جيئڻ تون هلائين!

سيٺ رامچند سنتوشي جيون، هرحال ۾ خوش رهندڙ، نگر جو محتبر شخص، دانوير، شيوا ڀاوي شخص، شانتي پريہ نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک، ٿورئي ڪٿئي گهٽي برڪت ۾ وشواس رکندڙ، سدائين مشڪندڙ پنهنجي دڪان جي چائنٺ ڪي پيري پئي. جهولي لال جي مورتيءَ اڳيان، جوت-اگربتي ٻاري، هٿ جوڙي پرارٿنا ڪري، سويل صبح جو جهولي لال جي مندر وجي اُتان آندل جل جو ڇندو دُڪان ۾ هڻي اچي پنهنجي آستان تي وهي ٿو. هن جي چهري تي هرروز جيان جيڪو تيج چمڪندو هو. چهرو پيو چمڪندو هو اُهو اَڄ اُداس نظر اچي رهيو هو. هو هيڏانهن هوڏانهن دڪان ٻاهران ايندڙ ويندڙن ڏانهن نهاري ٿو هن جي نظر جهولي لال جي مورتيءَ ڏي آسائتين نظرن سان يڪ ٽڪ ڏسي رهي آهي.

هن جي چهري جي ڀاون تان اِهو صاف چٽو نظر اچي رهيو هو تہ هن جي من ۾ ڪا آنڌ مانڌ متل هُئي. هن جو من چئي رهيو هو ”جوتين وارا لال، تون هيٺن جو هموار آهين، ڄاڻي ڄاڻ هار آهين توهان سڀ ڪجهہ ڄاڻو ٿا تہ ڪجهہ ڏينهن اُن ڌنڌي ۾ ڪافي مندي هلي رهي آهي. ٻُهٽي بہ نہ ٿي رهي آهي، قرضن جا ڪوٽ چڙهي ويا آهن.

اوڌر رقم بہ اچڻ بند ٿي ويئي آهي. لهڻيدار، قرضدار بہ تنگ ڪري رهيا آهن. سائين مهر وسائين، مهر ڪريو، ڌنڌي ۾ برڪت آڻيو.“

اَچانڪ هڪ شخص هن جي دڪان تي چڙهي ٿو. هن کي ڏسي رامچند جي منهن ۾ سُرسائي اچي ٿي. هو ايندڙ شخص جي مُرڪ سان آجيان ڪندي چويٿو ”اَچو! اَچو! هتي وهو چئو جهولي لال سيٺ موهنداس صاحب“.

موهنداس رامچند جي پير ۾ آسڻ تي وجي ٿو رامچند نوڪر کي سيٺ موهنداس لاءِ چانهہ گهرائڻ جو حڪم ڏيندي موهنداس کي چوي ٿو. ”اَج اوچتو توهانجو خود اچڻ ٿيو آهي. منهنجا ڌن ڀاڳ، توهان دڪان تي پير گهمايا آهن. چئو ڪهڙي شيوا ڪريون.“

موهنداس هڪ چيڪ ڏيندي ٿورو غصي ۾ چويٿو، ”توهانجو ڏنل هيءُ چيڪ بہ بئنڪ مان واپس آيو آهي.“

رامچند نرمائيءَ سان آکي ٿو، ”مون توهانکي ڪجهہ ڏينهن ترسي بئنڪ ۾ چيڪ وجهڻ لاءِ وينتي ڪئي هئي.“

”برابر! پر توهين خود ڄاڻو ٿا تہ واپاري ڌاري جي مدت پوري ٿئي چار مهنا گذري ويا آهن. توهانجي ڏنل واعدي چيل ڳالهہ کي بہ مهنو گذري چڪو آهي. اجا گهڻا نلها واعدا ڪندا. وڏيڪ رُکائيءَ سان موهنداس چيو.

”سيٺ صاحب! توهين ڄاڻو ٿا تہ مندي هلي رهي آهي مڪاني ۽ ٻاهران رقمون بہ نہ اچي رهيون آهن. مون وٽ خود واپارين جا چيڪ آهن جيڪي هُنن مونکي بئنڪ ۾ وجهڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن ترسڻ لاءِ وينتي ڪئي آهي. مان اُنهن جي اِشاري

لاءِ ترسيل آهيان. جئن چيڪ مٽيا اول توهان جي پرپائي ڪئي ويندي. وشواس رکو“.

”توهانجو مان عزت وهنوار ڏسي اسان هيترا ڏينهن ترسيا آهيون. پر به آخر ڪيستائين؟ اسين وڏيڪ وقت ترسي نٿا سگهون. اسان جي مٿان به ته واپارين جي پيڙ آهي. اسانجي واپاري ساک جي به عزت آهي ڪين نه؟“

”سائين آهي! توهانجي لکن جي عزت آهي اُها برقرار آهي، رهندي. توهين ڄاڻو ٿا ته حالتون سازگار نه آهن اِنسان ڪڏهن پريءَ ۾ آهي ته وري ڪڏهن پاڪر ۾، بس هڪ ڀيرو ڪجهه مهلت ڏيو. توهانجي امانت ۾ خيانت ڪونه ٿيندي جهولي لال پلي ڪندو.“

”نيڪ آهي سالن ڪان واپاري سنبڌ آهي. هفتي جي مهلت توهانکي ڏيون ٿا. دير ڪندا ته چيڪ بائونس ٿيڻ تي مان وياج سميت ڪورٽ ۾ توهانتي خرچ جي دعويٰ داخل ڪندس.“

”سيٺ صاحب! وشواس رکو. اَهڙي گهڙي ڪانه ايندي.“

”۽ ها، جيترا ڏينهن رقم ڏيڻ ۾ دير ٿي آهي اُن جو وياج به توهانکي ڏيڻو پوندو.

”ضرور ڏبو. سائين هٿ جوڙي ڏبو“ رامچند نمرتا سان هٿ جوڙي سيٺ موهنداس کي چيو.

موهنداس ويندي ويندي ”صرف هفتو، نه ته ڪورٽ، رقم وياج سميت واپسي.“ ڪجهه ڌمڪائڻ واري لحظي ۾ چويئو.

سيٺ موهنداس جي وڃڻ بعد رامچند هڪوار ڀيهر جهولي لال جي مورتيءَ طرف نهاري ٿو، ٻاڏائي ٿو در تنهنجي

تي جيڪي آيا تن سان توهان ڀال ڀلايا. اَسانتي ٻہ رحم ڪر لال سائين.

رامچند موبائيل ڪڍي جدا جدا نمبر جوڙي ٿو. هر ڪنهن کي ڊرافٽ، چيڪ، روڪڙ رقم ترت موڪلڻ لاءِ نماڻائيءَ سان عرض ڪري ٿو آنگڙيا ذريعي رقمون گهرائڻ لاءِ ڄاڻائي ٿو. پر هن کي نلهو وشواس، آٿت پلئہ پويتو تہ ''ها، جلد از جلد موڪلي ڏينداسين.''

فون مان فارغ ٿي رامچند شانت چت ڪنهن سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو.

اَچانڪ هن جي دڪان ٻاهران ٻہ شخص، ٻن پوليس وارن سان گڏ بيٺل نظر اچن ٿا. رامچند هڪ کي سڃاڻي ٿو. جيڪو بئنڪ جو ملازم هڱوراڻي آهي. رامچند هنن کي دڪان اندر اچڻ لاءِ چويٿو.

اندر ايندئي ٻيو شخص جيڪو بيٺل آهي ڪڙڪ آواز ۾ چويٿو.

''سيٺ رامچند، دڪان جون چاٻيون ڏيو. اسين سيل ڪرڻ آيا آهيون.''

''پر ٻہ ٿيو ڇا آهي؟'' نماڻائيءَ سان هڱوراڻيءَ کان پڇي ٿو.

''توهان جا سڀ چيڪ بائونس ٿيا آهن. توهان جيڪو بئنڪ لون ۽ ڪريڊٽ ورتي آهي اُن جي وقت سر ڀرپائي نہ ڪئي اٿو ۽ نہ ئي وري وياج جي رقم وقت سر ڀري اٿو. توهان جيڪو مال بئنڪ معرفت پارٽين کي موڪليو آهي. اُهو بہ پارٽين وقت سر نہ ڇڏايو آهي.'' هڱوراڻيءَ يڪ ساهيءَ ۾ چيو.

''مون اجا هاڻي ئي پارٽين کي فون ڪيو آهي. هنن ڄاڻايو آهي تہ اَسين اَڄ ئي پرپائي ڪنداسين'' رامچند نهنائيءَ سان ڄاڻايو.

''توهانجي ساک، توهانجي واپاري وهنوار، ناماچاري بدولت ئي بئنڪ توهان تي وشواس ڪري سڀ سهولتون ڏنيون آهن.''

''مان ڄاڻان ٿو، مان بئنڪ وارن جو ٿورائتو آهيان، توهانجون مهربانيون آهن پر ڪجھ مهلت جي ضرورت آهي. ڏيو نہ....''

''هرگز هرگز نہ ملندي اَڄ ئي توهان جو دڪان سيل ٿيندو. ڏيو چاٻيون'' ڪڙڪ ۽ حڪم واري نوع ۾ چيو.

''پر.....پر....'' چوندي رامچند دڪان جون چاٻيون هنن جي حوالي ڪيون. رامچند پاڻ ۽ نوڪرن کي دڪان تان هيٺ لاٿو ۽ چنتا هيٺ بئنڪ ڪاروائي ڏسندو رهيو. دڪان سيل ٿي ويو. سڄي مارڪيٽ ۽ نگر ۾ چؤٻول مچي ويو تہ ''سيٺ رامچند ڏيوالو ڏنو آهي. هن جو دڪان سيل ٿي ويو آهي.'' ٻڌنديئي دڪان ٻاهران پيڙ جمع ٿي ويئي جن ۾ ڪجھ رامچند جا لهڻيندار، قرضدار بہ هئا.

رامچند لٽل منهن سان بند دڪان کي ٻيري پئي جهولي لال جي مورتي جيڪا هن بئنڪ وارن کان گهري دڪان تان ڪنئي هئي ڀاڪر ۾ ڀري گهر طرف رُخ رکيو. پيڙ هن کي يڪ ٽڪ ڏسندي رهي.

گهر پهچندي هن مورت پلنگ تي رکي پاڻ صوفا تي ويهي رهيو. سدوري هن جي ڌرم پتني اندران رنڌڻي مان

پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي ۽ پتي رامچند کي ڏيندي چوهه چندڻ لڳي.

”مان تہ هن گهر مان تنگ ٿي پيئي آهيان. سڄو ڏينهن هنن قرضين جي گهر ۾ بہ پيڙ لڳي پيئي آهي. صبر اصل کنهن کي بہ ڪونهي. مان جواب ڏيئي در ڪولي ڪولي ٿڪجي پيئي آهيان. ڪم واري بہ جواب ڏيئي هلي ويئي آهي چوي پيئي چئن مهنن کان پگهار نہ مليو آهي. ڪير وارو ڪرياني وارن بہ گهر گهر لڳائي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. ٻڌم تہ بئنڪ وارن دڪان بہ سيل ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي جيون گذارو ڪيئن ٿيندو؟ هاڻي تہ قرضي بہ وڏيڪ رت پئيندا؟ رامچند پاڻي پي سامت جو ساهه کڻي ڏيرج سان چيو ”جنهن ساس ڏنو آهي اُهو گراس بہ ڏيندو. جهولي لال جي ڪرپا سان سُکيا ستابا ڏينهن گُذريا آهن اسان جو ننگي نگپال ڪشٽ ڪشالا بہ دور ڪندو. چيو اَٿئُ صبر جن جي سير تير نہ گسي تن جو“

”هاڻي مون ۾ صبر سهڻ جي شڪتي ڪونهي مان هن گهر مان حيران پريشان ٿي ويئي آهيان. مان هاڻي هتي هڪ پل بہ نہ رهنديس مان پيڪي ٿي وڃان. تياري ڪري ڇڏي اٿم“ چوندي پيتي کڻي گهر کان ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

رامچند هن کي صرف ڏسندو رهجي وڃي ٿو.

رامچند هٿ منهن ڌوئي. ڪپڙا بدلائي جهولي لال مندر طرف روانو ٿئي ٿو. هن کي سوسائٽيءَ مان لنگهندو ڏسي بہ مايون سُس- پُس ڪن پيون. ”چا تہ ويچاري جي هيٺي حالت ٿي ويئي آهي. مهانگين ڪارن ۾ گهمندڙ اڄ پيرين پنڌ وڃي رهيو آهي.... ڏاڍو ڀلو اِنسان آهي... داني... پروپڪاري.... ويچاري جي

زال بہ اڄ هن کي ڇڏي ويئي آهي.... قرضن جا ڪوٽ چڙهيل اٿس.... قدرت وري مٿان قهر ڪيو اٿس.... اڄ دُڪان بہ سيل ٿي ويس. ويچارو.... هاڻي ڇا ڪندو؟ وغيرهہ... وغيرهہ.“

رامچند نراس، نا اُميد چنتائن ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري رستي تان هلي رهيو هو. هِڪَ ڪار هُن جي پٺيان زور زور سان هارن وڄائي رهي هئي. هن کي ڪابہ سمڪ نہ هئي اچانڪ هن کي ڪار جو ڌڪ لڳو. هو زمين تي ڪري پيو. ماڻهو ڊوڙندا آيا هڪ اجنبيءَ هن جو هٿ پڪڙي اُٿاريو فوٽ پاٿ تي رکيل بينچ تي وهاري پر واري دڪان تان پاڻي آڻي پيئاريو. ۽ آٿت ڏيندي چيو،.... سڀ سڻائي آهي. زوردار ڌڪ نہ لڳو آهي. وڏيڪ چيائين يلا اِنسان! وهندڙ رستي تي زندگيءَ ۾ سنڀالي هلجي. هيءَ تہ جهولي لال جي تنهنجي مٿان ڪرپا آهي..... ڪٿي موٽ جو بڪ.... تنهنجا ڪرم سٺا آهن. جو سوليءَ مان ڪندو ٿيو آهي. چنتا نہ ڪر سڀ سڻائي ٿيندي. چنتا چِتا سمان آهي.“

رامچند ڪجهہ سامت جو ساهہ ڪنيو، ٿڌو شوڪارو ڀري اُن اجنبيءَ طرف نهاريو جيڪو هن سان ڳالهائي رهيو هو هن ڏٺو تہ سڀ سانت هئا اجنبي پيڙ ۾ ڪٿي بہ نظر نہ اچي رهيو هو. ڪجهہ وقت بعد ڪپڙا ڇنڊي مندر طرف روانو ٿيو.

ٻيءَ صبح هو جهولي لال مندر جتي پوڄ چاليهي صاحب جو ميلو لڳل هو جوتا گهر ۾ ويهي شراڌالن ڪان جوتا وٺي ڏيئي شانت چت سان شيوا ڪري رهيو هو.

اچانڪ هڪ شخص ڪار مان لٿو ۽ هن جي ويجهو وڃي ڄاڻايو تہ ”توهين ئي سيٺ رامچند آهيو“؟

”ها، مان ئي رامچند آهيان“ هن نرمائيءَ سان چيو ۽ پڇيو تہ ”توهين؟“

”مان پيتامبر آهيان. سورت مان روبرو آيو آهيان. مونکي مال گُهرجي؟“

”توهانکي شايد خبر ڪونهيءَ تہ مان هاڻي مال ڏيئي نٿو سگهان. منهنجو دڪان بئنڪ سيل ڪري ڇڏيو آهي“.

”ها مان ڄاڻان ٿو مان ڪالهہ شام جو دڪان تي ويو هئس اُهو بند هو پڇا ڪرڻ تي ڄاڻ ملي تہ“ سيل ٿي ويو آهي ”ٻڌي ڏُک بہ ٿيو.“

”توهان جيڪو بئنڪ ذريعي مال گُهرايو هو اُهو بہ اجا تائين نہ ڇڏايو اٿو. تہ وري مٿان نئون مال سو بہ اُهڙين اڻانگين حالت ۾.... ڏاڍو مُشڪل آهي...“.

”مون هر ڳالهہ جي جاچ ڪئي آهي توهين چنتا نہ ڪريو. مونکي وڏو آرڊر مليل آهي تڪڙو ڊليوري ڪرڻي آهي.“

”پر مان لاچار آهيان... مونکي معاف ڪجو.... بئنڪ بنا پئسن سيل نہ ڪوليندي؟“

”توهين اُها چنتا نہ ڪريو. جيئن ئي مونکي ڄاڻ ملي مون سورت فون ڪري آن لائين پئسا ڀري مال ڇڏايو آهي ۽ چڱي رقم پاڻ سان گڏ ڪڻي بہ آيو آهيان. رات کان وٺي توهانکي فون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون. صبح گهر بہ آياسين در بند هو. خبر پيئي تہ توهين هن جهولي لال مندر تي ڪا سيوا ڪندي ملندا.“

”فون ريچارج ڪرايل ڪونهي. اِن لاءِ توهانکي تڪليف ٿي، معاف ڪجو.“

''هاڻي هتان سڌو بئنڪ هلو.... اُنهن سان ڳالهائي دُڪان کولايون ٿا توهين صرف اسانکي گهربل مال ڏيو.''

''پر.... پر.....''

''پر.... پر.... ڇا''؟

''بئنڪ وارا منهنجي ورتل لون حاصل ڪريڊٽ جي رقم ٿا گهرن''؟

''توهين ڇنتا نہ ڪريو. مان آندل رقم جمع ڪرائيندس. باقي رقم جي وڌيڪ ضرورت پيئي تہ آن لائين گهرائي وٺبي. نہ تہ ڪجھ اسانجا بہ هتي واپاري آهن اُنهن جي گارنٽي وٺي ڏينداسين صرف توهين هتان اسان سان گڏ بئنڪ هلو.''

''جيئن توهانجي مرضي! تيستائين پنهنجو موبائيل ڏيو تہ مان بئنڪ وارن سان ڳالهائي وٺان''!

''هان وٺو فون'' رامچند فون وٺي هگوراڻي ۾ بئنڪ عملدارن سان ڳالهائي ٿو. (فون واپس ڏيندي) سيٺ صاحب هنن قبوليو آهي. توهانکي اڄ ئي مال ملي ويندو. ''پاڻ سان'' واھ جهولي لال سائين.... واھ.... تنهنجي مهرباني.

ڪار ۾ بئنڪ ڏانهن ويندي گهران دڪان واري جهولي لال جي مورتي کڻي ٿو. ڇاتيءَ سان لڳائي بئنڪ جو ڪم پتائي، دڪان کولائي مورتي اِستاپنا ڪري جهولي لال جو گيت ۾ پنجڙو گن گنائي ٿو. مورتيءَ ۾ رستي تي مدد ڪندڙ اجنبيءَ جو پاڇو هن کي نظر اَچي ٿو. چهرو ٻهڪي اُٿي ٿو. من باغ بهار ٿئي ٿو. اوکيءَ ۾ سهائي ٿيندڙ جهولي سائين شت-شت پرڻام هٿ جوڙي وندن ڪريٿو.

'Madhav van' 37, Adity,
Awas Park, Nr. Nobel Nagar,
P.O. Kuber nagar
AHMEDABAD - 382340

ڪهاڻي/ لعل هوتچنداڻي ’لاچار‘



# اَڪيلائپ سان سمجهوتو

ڪاشي رام!

ڪاشي رام جو چئن ڀاتين جو ننڍو ڪُٽنب هو. ڪاشي رام پاڻ، هن جا ماءُ پيءُ، قدم سان قدم، ڪُلهي سان ڪلهو ملائي گڏ هلڻ واري ڌرم پتني رجني. ڪاشي رام سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. سٺي پگهار هئس. ٿوري ۾ ائين چئي سگهجي ٿو گڏيل ڪُٽنب هوندي به گهرجا سڀ ڀاتي هڪ ٻئي سان رلي ملي خوش رهندا هئا.

ڪاشي رام ۽ رجنيءَ کي شادي ڪئي پنجن سالن کان به مٿي وقت ٿي ويو هو. پر هنن کي پنهنجي گهر جي ڪنهن به ڪُنڊ مان ننڍي ٻار جي ڪلڻ روئڻ جو آواز ٻڌڻ ڪونه ايندو هو، جنهن لاءِ هو اڪثر سڪندا هئا. هنن ڪيترن ئي ساڌو سنتن اڳيان پنهنجا مٿا ٽيڪيا هئا. ڌرمي آستانن تي وڃي باسون باسيون هيون. هوشيار ڊاڪٽرن کان ٽپاسائي دوائون ورتيون هيون. پر شايد هنن جي هٿن ۾ اولاد جي سُکن جون ريکائون لکيل ڪونه هيون.

ڪاشي رام جي ماءُ پيءُ جي دلين ۾ ننڍي ٻار کي پنهنجن ڪُلهن تي سُمهاري پُٺيءَ تي پيار پريا هٿڙا ڦيرائي ننڊ

ڪرائڻ جي چاهنا هوندي هئي. هٿ جي سنهڙين آڱرين کي پڪڙي پنڌ ڪرائڻ جي تمنا بہ رهندي هئي. پر هنن جا اُهي سڀ اَرمان دل جو دل ۾ رهجي ويا. چوندا آهن تہ بندي جي من ۾ هڪ تہ ايشور جي من ۾ ٻي. هنن ٻنهي جو رڪشا جي حادثي ۾ ديهانت ٿي ويو.

ڪاشي رام آفيس ويندو هو تہ رجني گهر ۾ اڪيلي ٿي پوندي هئي. ڪنهن بہ ڪم ۾ هُن جو من نہ لڳندو هو. گهر ڄڻ ڪائڻ پيو ايندو هوس. ڪاشي رام شام جو آفيس مان اَچي فريش ٿي ڪپڙا بدلائي چُپ چاپ اخبار پڙهڻ ۾ وقت ڪاٽيندو هو. هُنن جي گهر مان خوشي ڳولهڻ سان بہ ڪانہ ملندي هئي.

رات جا ڏهہ وڳا هئا. ڪاشي رام ۽ رجني پنهنجا پنهنجا سڀ ڪم پورا ڪري ٻئي بستري تي اَچي ليٽيا. ڪاشي رام اڪيون ٻوٽي سُمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. شايد ٿوري اک بہ لڳي وئي هئس. پر رجنيءَ کي ننڊ ڪونہ پئي آئي. الائجي ڇا سوچيندي رهي. اوچتو هُن جي من ۾ ويچار آيو. پتيءَ جي ڪُلهي تي هٿ رکي پڇيائينس.

”هيڏانهن، ننڊ اَچي وئي اَٿوَ ڇا؟“

”نہ.....نہ..... بس ائين ئي ٿوري اک لڳي وئي هئي.“

”منهنجي من ۾ هر هرهڪ ويچار پيو ٿو ڦري.“

”ويچار. هيڏي رات جو؟“

”ها اسان....“ رجني پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ کان اڳ الائي ڇا سوچي چُپ ٿي وئي.

”رجني هونئن تہ تُنهنجي من ۾ جيڪو هوندو آهي بنا ور وڪڙ جي ٻڌائيندي آهين. اَڄُ ڇولا بنا ڪجهہ ٻڌائڻ جي ڇو هچڪي رهي آهين. من ۾ جيڪو اٿئي دل جو بار هلڪو ڪر

نہ تہ ننڊ ڪونہ ايندءِ. هونئن بہ اسان ٻئي هڪ ٻئي جا همراز آهيون نہ؟“

”مان.... مان....“

”ها.... ها.... چئُہ.“

”توهان تہ ڄاڻو ٿا اسان گهر ۾ گڏ هوندي بہ اڪيلائپ محسوس ڪندا رهندا آهيون.“

”ها برابر. تون سچ ٿي چئين.“

”توهان ئي ٻڌايو اسان اجا ڪيستائين اڪيلائپ جي پيڙا جو ڏُک سهندا رهنداسين. چو نہ....“

”مونکي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي. آخر تو چوڻ ڇا ٿي چاهيو.“

”پنهنجي من جي ڳالهہ ٻڌائڻ جيتري مان پاڻ ۾ همٿ ڪانہ ٿي سمجهان. دِپ لڳي ٿو.“

”رجني ڏس. ڌرم نيتيءَ موجب اسان ٻئي هڪ ٻئي جا رازدار آهيون. اُن ڪري دِپ جي ڪابہ گُنجائش هئڻ نہ گُهرجي.“ ڪاشي رام رجنيءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ پريندي چيو.

”اسان چو نہ ٻارگود ڪڻون.“

اوچتو رجنيءَ جو اڻ اُميد وارو ويچار ٻڌي ڪاشي رام حيران ٿي پنهنجون ٻانهون هن جي ڳچيءَ تان پري ڪري سوالي نگاهن سان ڏسڻ لڳو.

”ڏسو، گذريل ڪيترن مهنن کان منهنجي من ۾ اِهو ويچار اڪثر ايندو رهندو آهي. اج همت ٻڌي پنهنجي اِڇا توهان اڳيان ظاهر ڪئي آهي. هونئن بہ اهڙا اهم فيصلا زال مڙس جي رضامنديءَ سان ئي ورتا ويندا آهن نہ؟“

”رجني مان سمجهي ڪونہ ٿو سگهان تنهنجي من ۾ اِهو ويچار آخر آيو ڪيئن؟ نہ.... نہ... مان تنهنجي اِن ويچار سان سهمت ڪونہ آهيان..... بلڪل ڪونہ آهيان. ڪنهن پاپ جي نشانيءَ ڪي جنهن جي نہ ماءُ پيءُ جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ نہ وري ذات پات جو ڪو پتو.“

”پاپ تہ ڄڻڻ وارن جو ڪيل هوندو آهي. ننڍي ٻار، جنهن اڃا پنهنجون اکيون بہ کوليون ڪونہ هونديون آهن، اُن ۾ ٻار جو ڪهڙو ڏوهہ. مدرٿيريسا جي بہ چوڻي آهي ننڍا ٻار ايشور جو روپ هوندا آهن. باقي رهيو سوال ذات پات جو. اُهو تہ جڏهن اسان ٻارگود ڪڻنداسين تہ پوءِ هُن جي ذات پات اسانجي ليکبي. ٻولي بہ اسانجي ڳالهائيندو.“

”.....“ ڪاشيءَ رام رجنيءَ جي پوري ڳالهہ شانت چِت سان ٻڌندو رهيو.“

”هن وقت اسان پنهنجي گهر ڪٽنب ۾ صرف بہ ياتي آهيون. ٿورو سوچيو. اسان کان پوءِ اسانجو نالو وٺڻ وارو ڪير؟ گهر جي ٻاهرين بائونڊري وال تي ٽنگيل نيم پليٽ بہ لاهي ڦٽي ڪري ٻئي ڪنهن جي نالي جي لڳائي ويندي. بس اُن کان پوءِ اَسانجو ڪو نالو نشان ڪونہ رهندو. اَسان ٻارگود ڪڻنداسين تہ اسانکي پنهنجو وارث، تہ ملندو.... نيم پليٽ تي بہ هميشهہ اسانجي ٻار جي نالي پٺيان ٻار جي پيءُ جو نالو بہ لکيل رهندو.“

۽.....۽..... چڱي بحث مباحثہ بعد ڪاشي رام ۽ رجنيءَ ٻارگود ڪڻڻ جو فيصلو ورتو. هڪ ڏينهن هو ٻئي گڏجي ٻال گهر وڃي ٽن مهنن جي سُهڻي ۽ سنن مهاندن واري ڇوڪري

پسند ڪئي. نيم سڀ پورا ڪري گهر آيا ۽ ڌرمڪ ريتين رواجن سان ڇوڪريءَ جو نالو روشني رکيو.

ڪاشي رام ۽ رجني هاڻ گهر ۾ ڏاڍو خوش رهندا هئا. رجني گهرجي ڪم ڪار ۾ رُڌل هوندي هئي ته ڪاشي رام ڌيءُ جي پاسي ۾ ويهي هُن سان طوطلي زبان ۾ ڳالهيون ڪندو هو. ڪاشي رام جي آفيس وڃڻ ڪان پوءِ رجني خوش ٿي روشنيءَ کي گود ۾ سُمهاري چُميون ڏئي منيون منيون ڳالهيون ڪندي هئي. ڪاشي رام ۽ رجنيءَ جو ڏينهُن ڪيئن گذري ويندو هو، اُن جي هنن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي. پنجن سالن جي عمر ۾ روشنيءَ کي هڪ سٺي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. روشني پڙهائيءَ ۾ ڏاڍي هوشيار هئي. اڪثر ڪلاس ۾ پهريون ٻيون نمبر ايندي هئي. اسڪول جي راندين ۾ چڱو شونق هوندو هوس. گهر جي ڪم ڪار ۾ ٻه ماءُ جو هٿ ونائيندي هئي. ڪاشي رام ۽ رجني پياري ڌيءُ جي خوشحالي ۽ وڏي عمر جي ايشور کي پرارٿنا ڪندا رهندا هئا.

چوندا آهن خوشي جڏهن ڪنهن جي گهر ايندي آهي ته ٻئنڊ باجن سان نچندي ٽپندي پرويش ڪندي آهي. پر واپس ويندي آهي ته پاڻ سان گڏ نه صرف خوشيون کڻي ويندي آهي پر پنهنجون سڀ نشانيون ٻه گهر جي ڪنڊ ڪُڙڇ مان ميڙي سيڙي کڻي ويندي آهي. روشنيءَ کي سائي ٿي پئي، ڊاڪٽرن جي صلاح سان هن کي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. ڇئن ڏينهن ڪان پوءِ تيرهن سالن جي عمر ۾ روشنيءَ جي پراڻ پکيئڙي اُڏامي وڃي رام شرڻ ورتي.

ڪاشي رام!

ها. هن جو ڪٽنب سُسي وجي صرف پاڻ تائين پهتو. هن جي ماءُ پيءُ جو ديهانت رڪشا جي حادثي ۾ ٿي ويو هو. گلاب جي گل جيان ٽرندڙ پياري ڏيءُ روشنيءَ بيماريءَ ۾ هميشھ لاءِ اسپتال ۾ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. ستن جنمن جو ساٿ نڀائڻ جو وچن ڏيڻ واري زال رجني پتيءَ جي رٽائرڊ ٿيڻ جي ٻن مهنن کان پوءِ پنهنجون اکيون هميشھ لاءِ ٻوٽي هُن کي ڇڏي وئي هئي.

ڪاشي رام هاڻ اڪيلو ٿي پيو هو. اَڪيلو بلڪل اڪيلو. گهر ۾ نہ ڪو ڳالهائڻ وارو هوس، نہ وري ڪو ڏُک سُک ۾ ساٿ ڏيڻ وارو. گهر ڄڻ کائڻ پيو ايندو هوس. اُن ڪري پنهنجن اجاين خيالن کان ڪجھ ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ شام جو گهر مان ٻاهر نڪري شاهي روڊ جي پاسي ۾ ٺهيل فٽ پاٿ جي بينچ تي ويهي ايندڙ ويندڙ راهگيرن کي ڏسي وقت گذر ڪندو هو. اِهو هنجو نيم بڻجي ويو هو.

هر روز جيان اڄ بہ ڪاشي رام فُٽ پاٿ تي ٺهيل بينچ تي وينو هو. اوچتو هُن جي نظر سٺ سالن کن عمر جي هڪ مائيءَ تي پئي، جيڪا رستي جي سامهون واري فُٽ پاٿ طرف وڃڻ لاءِ زيبرا مارڪ روڊ تان هلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي جو هُن جو هڪ پير مُڙي ويو ۽ ڪرڻ تي هئي. ڪاشي رام، جيڪو بينچ تي وينو هو، تنهن ڊڪندي وڃي مائيءَ کي ٻانهن کان پڪڙي ڪرڻ کان بچايو پڇيائينس:

”لڳي ٿو توهان کي سامهون واري فُٽ پاٿ طرف وڃڻو آهي.“

”ها ٽرئفڪ گهٽي هئڻ ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ سبب پيرُ مُڙي ويو آهي.“

”چئو تہ مان توهان کي تورو اڳيرو ڪري اچان.“

”.....“ مائي ڪوبہ جواب نہ ڏئي صرف ڪاشي رام کي سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳي.

”ڏسو هاڻ اسانجي عمر هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ ۽ وشواس رکڻ جي آهي. توهان منهنجي هٿ کي پڪڙي آهستي آهستي پنيان هلندا اچو.“ ڪاشي رام پنهنجو هٿ مائيءَ طرف وڌائيندي چيو.

”....“ مائي حالتن جو جائزو وٺي چُپ چاپ ڪاشي رام جي ڪرائيءَ کي پنهنجي هٿ جي آڱرين سان پڪڙي هُن جي پُنيان پُنيان هلڻ لڳي.

مائي!

ها، مائيءَ جو نالو انوپما هو. هن جو گهوٽ سرڪاري آفيس ۾ اڪائونٽنٽ جي عحدي تي هو. ٻہ سال اڳ هن جو هارٽ اٽئڪ سبب ديهانت ٿي ويو هو. هن کي ڪو ٻارٻچو ڪونہ هو. اڪيلي رهڻ سبب هن جي شادي ڪيل ڌيءُ ماءُ کي مجائي پنهنجي گهر وٺي اچي پاڻ سان گڏ رهايو.

انوپما کي ڌيءُ وٽ سڀ سُک ملندا هئا. مانُ، سنمان، عزت ملندي هئي، پر تڏهن بہ هن کي اڪيلائپ جو احساس محسوس ٿيندو رهندو هو. هن جا ڌيءُ ناٺي ٻئي نوڪري ڪندا هئا. هو صبوح جو سوير اُٿي گهر جو ڪم ڪار لاهي نيرن وغيرهہ ڪائي پاڻ سان لنچ باڪس کڻي پنهنجيءَ پنهنجيءَ نوڪريءَ تي هليا ويندا هئا. هو شام جو گهر واپس موٽي اچي ٿڪل هوندي بہ گهرجي ڪمن ۾ لڳي ويندا هئا. اُن طرح

اَنوپما سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلي ويهي ويهي ڏاڍو تنگ ٿي پوندي هئي. جتان هتان هُتان جا اجايا سجايا خيال پيا ايندا هُس. گهوٽ جي ياد ۾ اڪثر هن جي اکين مان گرم ڳوڙها ٻه ڳڙي پوندا هئا.

ها باقي ڏيءُ جي ڏنل صلاح موجب هوءَ شام جو گُهمڻ جي خيال کان گهر مان ٻاهر نڪري ٿورو پريان شاهي رستي جي ڀنهي پاسي ۾ نهيل فوٽ پاٿ تي چڪر هڻي پوءِ اُتي نهيل ڪنهن بينچ تي ويهي ايندڙ ويندڙ راهگيرن کي ڏسي وقت ڪاٽيندي هئي. ڏيءُ نانيءَ جي اچڻ کان اڳ هوءِ واپس گهر موٽي ايندي هئي.

شام جو گهمڻ وقت اڪثر ڪاشي رام ۽ اَنوپما جي پاڻ ۾ ملاقات پئي ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن بينچ تي ويهي ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جو حال احوال ونندا هئا. ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا. هڪ ڏينهن اَنوپما ڪاشي رام جي هڪ هٿ تي پٽي ٻڌل ڏسي سوالي نگاهن سان هن کي ڏسڻ لڳي.

”نه..... نه.... اَهڙو ڪجهه به ڪونهي. بس منجهند جي روٽي ناهيندي گرم تيل جي تئي ڪِري اَچي هٿ تي پئي. ملم پٽي ڪرائي آهي. هاڻ ڪجهه فائدو آهي. گهٻرائڻ جهڙي ڳالهه ڪونهي.“

”چو گهر ۾ روٽي ناهڻ واري مائي ڪانه اَٿو ڇا؟“

”ڇَڙن جي گهرن ۾ ڪم ڪرڻ واريون مايون ڪٿي ٿيون ملن.“

”ها. اهو سچ آهي.“

”مان توهان کان هڪ ڳالهه پڇان. دل ۾ ته ڪونه ڪندا نه؟“

”پنهنجي من کي هلڪو ڪرڻ چاهيو ته پڇي سگهو ٿا.“

”توهان مون سان شادي ڪندا.“
”....“ اَنوپما هڪدم پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري عجب مان ڪاشي رام کي ڏسڻ لڳي.“
”ڏسو. هيءُ سوال سوچي سمجهي مون توهان کان پڇيو آهي. اَڄُ جنهن دؤر مان اسان گذري رهيا آهيون اُن ۾ اسان ٻنهي جون حالتون ساڳيون آهن. ٻئي اڪيلائپ جون پيڙائون ڀوڳي رهيا آهيون. زنده هئڻ جي باوجود به اسان کي پنهنجا اَرمان مُئل لڳندا آهن.“
”نه....نه.... توهانجي سوال جو جواب ڏيڻ مون لاءِ ممڪن ڪانهي. توهان کي ته اهڙو سوال پڇڻ به نه گُهربو هو.“
”ڇو؟ ڇا توهان کي نٿو لڳي اَسان ٻئي هڪ ئي ٻيڙيءَ جا مسافر ڪونه آهيون؟“
”آهيون. برابر هڪ ئي ٻيڙيءَ جا مسافر آهيون، پر تڏهن به....“
”تڏهن به ڇا؟“
”عمر جو سوال آهي.“
”منهنجي انداز موجب توهان جي عمر ۽ منهنجي عمر ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي.“
”منهنجو مطلب اِن عمر سان ڪانهي.“
”ته ڇا سان آهي.“
”منهنجو مطلب شاديءَ جي وڏي عمر سان آهي. ڇا اڄ جي سماج اسانجي شادي سويڪار ڪندي. ڇا زماني وارا مذاق اُڏائي ائين نه چوندا ته اسان ٻڍاپي ۾ جسم جي بُک برداشت نه ڪرڻ ڪري بيشرم بڻجي شادي ڪئي آهي.“
”اَڄ زماني وارا به وڏي عمر جي شاديءَ کي ضرورتن سان سمجهوتو ڪرڻ جي ڪلا کي سمجهي ويا آهن.“

''پر اسان تہ پُراڻي يُگ جي ويچارن وارا آهيون نہ.''

''اَڄ پُراڻن ويچارن وارا بہ نون ويچارن کي اَپنائڻ ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهڻ لڳا آهن. انهيءَ ڪري ئي تہ چيو ويندو آهي جهڙو لڳي واءُ اهڙي ڏجي پُٺ.''

''توهان جي ويچارن ۾ مونکي پنهنجن ويچارن کي سمجهڻ لاءِ وقت کپي'' ائين چئي انوپما بينچ تان اُٿي وڃڻ لڳي.

اَنوپما گهر اَچي پنهنجي دُکي من کي ڪجهہ آرام ڏيڻ لاءِ ٿڌي پاڻيءَ جو سڄو گلاس هڪ ئي ڀيٽ ۾ پي بستري تي اَچي ليٽي اکيون بند ڪري ڇڏيون. پر تڏهن بہ هن جي بند اکين ۾ ڪاشي رام جي چٽي تصوير ڦرندي رهي. اُن سان گڏ ڪنن ۾ گونجندا رهيس ڪاشي رام جا چيل اکرن جا پڙاڏا- ''توهان مون سان شادي ڪندا.''

آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هڪ ڏينهن اَنوپما پنهنجي من جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ڏيءُ نانيءَ جي ڪمري ۾ وئي. هنن کي ڪاشي رام ۽ پاڻ بابت سڄو احوال وستار سان ٻڌايائين. پهرين تہ هنن ٻنهي کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا جواب ڏين. بس خاموش رهي عجب مان هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا. اَنوپما ڏيءُ نانيءَ کي چُپ ڏسي ۽ هنن وٽان ڪو بہ جواب نہ ملڻ جو اندازو لڳائي، پنهنجي ڪمري طرف وڃڻ لڳي جو ڏيءُ نانيءَ پنيان اَچي هن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي خوشي ظاهر ڪئي. ڏيءَ ڪلندي چيس ''ممي، توهانجي هن رشتي ۾ اَسانکي ڪوبہ اَعتراض ڪونهي. توهان جي خوشيءَ ۾ اسان جي خوشي آهي.

اَنوپما ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ ٻڌندي رهي. شايد هُن کي جواب ڏيڻ جهڙا اکر ڪانہ پئي مليا.

ممي، اسان توهان جي اڪيلائپ جي درد کان واقف آهيون. پر چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ ڪري لاچار بڻجي چُپ رهندا آهيون. هاڻ تہ توهان پاڻ ئي اسانجي من جي چنتا لاهي ڇڏي آهي.

''پر ڏيءُ...''

''پر ڇا ممي؟''

''ڏيءُ هن عمر ۾ سماج جي تکن طعنن سهڻ جيتري هاڻ مون ۾ شڪتي ڪانهي.''

''منهنجي پياري ممي، اڄ جي ڪشمڪش واري زندگيءَ ۾ سماج جي ٺيڪيدارن کي پنهنجون اُلجهنون سُلجهائڻ جيترو وقت بہ ڪونہ هوندو آهي، تہ پوءِ ٻيلا ٻين جي گهرن ۾ مُنهن تاڪڻ جو وقت ڪٿان ڪڍندا.

''پر تڏهن بہ....''

''لوڪ آهي ٻوڪ. ڪنهن جا ڪنهن جا مُنهن بند ڪبا. ماڻهن جو تہ ڪم ئي هوندو آهي مکڻ مان وار ڪڍڻ. ٻوٽ پير ۾ ڪٿي چُڀي ٿو اُن جي ڄاڻ ٻوٽ پائيندڙ کي ئي هوندي آهي. تون ڪنهن جي بہ چنتا نہ ڪر، جيڪو من چوي اُهو صحيح هوندو آهي.'' ڏيءُ ماءُ کي ڀاڪر پائي چُميون ڏيندي چيو.

اَنوپما ڏيءُ ۽ نانيءَ وٽان مليل همت اَفزائيءَ سبب هوءَ پاڻ کي هلڪو محسوس سمجهڻ لڳي ۽ مُشڪندي پنهنجي ڪمري ۾ اَچي بستري تي ليٽي. جلد ئي ننڊ اَچي ويس.

"Ashiana"
B-31, Apna Nagar
Gandhidham-370201
Mob: 9106631692

مقالو / ديوي ناگراڻي



# نئين ڪويتا ۽ اُنجي پريڀاشا

ڊاڪٽر ستيش روهڙا پنهنجي ساهتيہ اڪاڊمي يافتا ڪتاب "ڪويتا ڪان ڪويتا تائين" ۾ نئين ڪويتا جي وضاحت ڪندي لکيو آهي؛ "نئين ڪويتا جديد دور جي شخص جو اِظهار آهي،".

هڪ قلمڪار پنهنجن جذبن، پنهنجي سوچ کي شبدن ۾ تراشي هڪ آڪار جو نِرماڻ ڪندي لفظن جو چٽو عڪس سامهون ٿو آڻي. شايد اِنساني اُمنگن ۽ اَحساسن جي اِظهار جو ماڌيمُ ئي ڪويتا آهي. جنهن لاءِ نارائڻ شيام چيو آهي.

**"شاعري محسوسات جو سُريلو اِظهار آهي ۽ جذبات جي طوفان کي لفظن ۾ قابو ڪرڻ جو وسيلو آهي". اِها ئي نئين ڪويتا جي واکاڻ آهي. سچ پُڇو تہ ڪويتا زندگيءَ سان گفتگو ڪرڻ جو شاندار ماڌيم آهي.**

ڪويتا ۽ زندگي پاڻ ۾ ائين رلي ملي ويون آهن جو بئي هڪٻئي ڪانسواءِ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ٿيون وهن. پُشپا ولڀ (سنڌي ليکڪا) بہ زندگيءَ کي موضوع بڻائيندي لکيو آهي:

**”زندگي نئين ورتل بوٽ وانگر**
**هرپل چڪ پائيندي رهي ٿي،**
**چيندي رهي ٿي!“**

هاڻي سوال ٿو اُٿي هن کي ”ڪويتا“ چئون يا ”زندگي؟“

سوچڻ واري ڳالھ آهي، جي زندگي نئين بوٽ مثل آهي تہ ڪويتا کي ڇا ڪري سڏيون؟ شايد لفظن جي وچ وارو اکر ڪويتا آهي، جو مانيٽي ٻوليءَ ۾ اِظهار ڪري پنهنجي اَندر جي آنڌمانڌ کي زبان ڏيڻ ۾ قابل ۽ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو.

اَهڙي ئي ڪنهن مُلايم سُٺ سان اُٽيل اِظهار، منهنجي هِڪَ غزل جي شروعاتي سٽن ۾ ظاهر ٿئي ٿو:

**یہ شاعری کیا چیز ہے، الفاظ کے جادوگری،**
**تیرے لیے آوارگی، میرے لئے دیوانگی۔**

ٻڌندي ئي روح کي راحت محسوس ٿئي، جڻ ڪو اڻ ٻڌل اڻ چيل آواز ڪنن ۾ پيو پُٽڪي.

**”مان روح جي ٻولي ٻڌندي آن، هي روح مخاطب ٿيندو آ**
**آواز اَندر جو هوندو آ، جو گيت چپن تي ايندو آ“**
**اِها آهي نئين ڪويتا !**

پدم ڀوشڻ ڊاڪٽر شيام سنگهه ”ششي“ ٻه لکيو آهي:

**”هو ٻه اکر ٻه لکن ٿا ته عمر ڀر ڳائين ٿا**
**اسين پوٿيون لکون ٿا، هڪ عمر ڏئي ٿا وڃون.“**

اهڙيءَ ئي هڪ شخصيت جنهن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ عُمر ڏني آهي. سا آهي ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي جنهن پنجڪڙي ۾ پنهنجي ڀاونائن کي پروئي نئين ڪويتا جو روپ ڏنو آهي. اڄ جي فريبي دنيا هر هنڌ سمجهوتا ٿيندا رهن ٿا، سازشن جي ڀني نپڙي پئي وڃي، سَچ جو گلو گُهٽيو ٿو وڃي ، جتي نڳين سان ڀريل سازشون، دل ۽ دماغ ۾ تڪرار پيدا ٿيون ڪن، جتي پيار ۽ نفرت جي جنگ جوٽجي ٿي، اُتي ڪملا گوڪلاڻيءَ جو پنجڪڙو آتم وشواس جي تار پڪڙي واڪو ڪندي چوي ٿو:

**پل هُجي نفرت جي آس تڪي،**
**آ اُن ڪان تڪو پيار جو تاب،**
**رکو سائو محبت جو باب،**
**پڙهي ڏِسُ سياڻا ويا لکي،**
**پلي هجي نفرت جي اُس تڪي.**

هڪ ٻيو پنجڪڙو هن جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌ لاءِ سڪ جو اِظهار ٿو ڪري:

**چوَن چپ روز پلي جئه هند.**
**چريو چت پر نه اُنهن سان ساڻُ**
**مُنهنجو منُ پٽڪي ٿو جنهن ڪاڻُ**
**سنڌ بنا اِها اڌوري هند**
**چوَن چپ روزَ پلي جئه هند.**

لکڻ جي سڪاراتمڪ اَوسٿا تڏهن ٿي ظاهر ٿئي جڏهن پاڻ کي پڙهيل ڳالهه، واردات، تجربات، پنهنجا نجي لڳن. جڏهن پڙهندي رچنا سان ايڪاڪار ٿي رساپيوتي حاصل ٿا ڪن، پوءِ پلي لکيل، پڙهيل يا ٻڌل ڳالهه ۾ ڪلپنا جو مادو وڌيڪ هُجي يا يٿارٿ جو گهٽ.

ڪويتا کي نئين طرز سان پيش ڪندي ليکڪا رشمي راماڻيءَ جا اکر پنهنجي سموري ارٿ سان گڏ سرگوشي ڪندي ظاهر ٿا ڪن :

**عورت کي خبر نہ آهي**
**ايترو وڌيڪ چوندي آهي اُن جي ماٺ**
**آخر! سنسار جي سيني ڪان سٺي ڪويتا آهي عورت!**

سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي، ڇا اها ڪويتا جي پريڀاشا آهي يا خود عورت جي... لفظن جي جادوگري آهي يا تن جو تاثير. وڌيڪ اڳتي هُوءَ چوي ٿي:

**هڪ ٿڪل عورت،**
**ڪنيو اُڀو ساهه**
**پاسو ورايو ڏرتيءَ**
**ڏري پيئي جبلن جي ڇاتي**
**اوچتو هڪ معصوم ٻار جو،**
**سُڏڪو هوا ۾ تريو**
**۽ پکڙجي ويئي سڄي دُنيا!**

نئين ڪويتا بيان نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن اُصولي ذخيري جي اوڳڙ آهي. اُن ۾ ڪنهن اَنيو جي پرتيڪريا آهي

جو اِنسان جي سنويدنا جي اُپج آهي. بلڪل معمولي لڳندڙ اَنيوَ ڪويتا لاءِ هڪ نئون مضمون ٿو بڻجي پوي. زندگي ۽ ڪويتا هٿ ۾ هَٿُ ملائي هلندي ٻہ هِڪَ ٻئي کان ڪڏهن ڌار آهن تہ ڪڏهن گڏ. اِهو انُيوَ نئين پيڙهي جي پانڌيئڙن جي سامهون وِمي سدارنگاڻي پنهنجا احوال وندبيندي لکي ٿي:

**مان ۽ تون**
**ڪڏهن گڏ ڪين هلياسين**
**رستي تي هلندي**
**تون اڳيان اڳيان**
**چڻ ڪو ڏنار ۽**
**پٺيان نوڙيءَ سان ٻڌل**
**ڪنهن ڳانءِ وانگر مان.**

هوءَ ڪيڏو نہ چٽو عڪس چٽڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. پرش ستا جي هن سماج ۾ ناريءَ جي اَوستا کي اُڪيرڻ ۾..... سندس اظهار دل کي ڇُهي ٿو، دل جي تندن ۾ هلندڙ ساهہ کي تيز ڪري ٿو:

**تو چيو**
**مونکي ڇڏي ڏي**
**... مون... ۽... ۽**
**تنهنجو هٿ وڌيڪ**
**مضبوطيءَ سان**
**پڪڙي ورتو هو... !**

ڊپ کان وڌيڪ پنهنجي بي سلامتيءَ ڏانهن اِشارو ڪيل آهي. اِها آهي ڪويتا جي ٻوليءَ انجي وياڪيا..... ستيم، شوم، سُندرم!

ساڳيءَ تند کي ڇڪيندي اندرا شبنم پنهنجو خيال وندي ٿي:

**هو هڪ هٿ منهنجي ڳچيءَ جي نس تي رکي**
**ٻيو هٿ مٿي تي گُهمائي رهيو آهي**
**۽ پيار ڏيکاري رهيو آهي!**

زندگيءَ جي وپريت ڀاونا (duality) جو چٽو عڪس آهي. اِنسان سوچي ڪجهه ٿو، چوي ڪجهه ۽ ڪري ڪجهه .

ڪويتا ڪو آڪروش نہ آهي، نہ ئي ڪا ڪرانتي يا جنگ آهي. اِها فقط پاڻ سان جوڙيندڙ اَپيويڪتي آهي جا اَنيو ٻڌجي عام ماڻهوءَ کي خود سان، پنهنجي چوڌاري ماحول سان واقف ڪرائي ٿي. جيا جادواڻيءَ جي ڪويتا جي نئين روپ سان مخاطب ٿيون. هوءَ لکي ٿي:

**پڙهن بہ پاڻ ٿا**
**نتيجو بہ ڪڍن پاڻ**
**منهنجين ديوارن تي**
**نہ ڄاڻ ڇا ڇا لکي ويا ماڻهو؟**

جديد دور جي پسمنظر ۾ هڪ ليکڪ سماج ۾ ماڻهن جي وچ ۾ رهندي جيڪو ڪجهہ محسوس ڪري ٿو، پسي ۽ ڀوڳي ٿو سوئي لفظن ۾ اُڻندي پڌرو ٿو ڪري. سماجي ڏوراپن ۽ عذابن جو احوال اوريندي مايا راهي لکي ٿي:

نوڪريءَ جي ڳولا ۾
وڏين آفيسن جي
ننڍين ڪرمچارين جا
بي رحم ڌڪا کائيندي
شرير ۾ ڪٽل چمپل جيان
چڃي پيو آهي!

هيءَ ڪنهن به صورت ۾ ناريءَ جي هار نه آهي، پر اُن جي من جي پيڙا آهي، بي وسي آهي، هڪ آنڌمانڌ آهي، جا اجا به پيدياوَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.

سنڌي ساهتيہ جا ورق ورائيندي ڪي ڏيان ڇڪائيندڙ سِٽون ذهن ۾ گهر ڪري ويندیون آهن. اهڙو ئي هڪ سچ بي باڪ ليکڪا پوپٽي هيراننداڻيءَ جي لفظن ۾ پنهنجي ٻولي، ادب ۽ ذهنيت لاءِ فڪرمندي ڏيکاريندي سامهون ٿو اچي. ليکڪا جي چولي، ٻوليءَ سان محبت آهي. ”اج اسان جي چولي اُڌڙندي ٿي وڃي، اسين ڪيئن خاموش رهنداسين.“ سوچ جي اُڏام ڌيان ڇڪائيندڙ آهي:

ٻولي نه رهندي ته شاعر نه رهندو
شاعر نه رهندو ته گيت نه هوندو
گيت نه هوندو ته ڪلا ۽ سنسڪرتي نه هوندي
سنسڪرتي نه هوندي، ته ذات زنده ڪيئن رهندي؟

هڪ وڏو سوال اڄان بہ اَسان جي سامهون ٽنگيل آهي. ساڳي ڀاونا جو اِظهار نارائڻ شيام جون امر سٽون ور ور دهرائيندي چون ٿيون:

**الا ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،**
**تہ هئي سنڌ ۾ سنڌ وارن جي ٻولي.**

اُنهيءَ چوليءَ ۽ ٻوليءَ جي دامن مان ليئو پائي وطن جي وڇڙڻ جو دردُ نئين نسل جي نئين ڪويتائن ۾ ٿا پسون، جن ۾ جذبات جي ولوڙ هنن جي حرف حرف مان ظاهر ٿي رهي آهي.

نئين ڪويتا جي سُهڻي روپ ۾ سامهون آڻيندي هند ۽ سنڌ جي اَدبي دنيا جي ڄاتل سڃاتل هستي وينا شرنگي، جنهنجي زبان ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ، شاهہ سچل، ساميءَ جي ٻوليءَ جو هڳاءُ آهي.... اڪر اهي ئي پراڻا، اظهار وري بہ نئون:

**هند ۾ رهي، سنڌ ڪي دل مان ڪڏهن نہ سگهيس**
**سنڌ جي هوندي بہ سنڌ وڃي نہ سگهيس**
**نہ هتي جي رهيس نہ هتي جي رهيس**
**مان ڪلا ۾ ئي لٽڪيل رهيس.**

هي لفظ نہ آهن پر پگهريل دردُ آهي.

اَڄ نئين شعور جي اِظهار جي ڪوشش ۾ لفظن کي نئين معنيٰ ملي ٿي. اِهو آهي نئين ڪويتا جو روح، جو زندگيءَ سان گفتار ٿو ڪري. اهڙي هڪ بيباڪيءَ

ڪويتا ۾ وينا شرنگيءَ جو واقعو پڙاڏو بڻجي اسان تائين پهچي رهيو آهي:

**اَچو اَچو ديڳ لٿي آ**

**تون ڪاءُ، مان ڪان، گيان ڪائي، گِدو ڪائي.**

**پنجو ڪائي، پيسو ڪائي**

**وارو ڪريو، اچو.... اچو... جلدي اچو**

**يَتَ، ورهائجي ٿو**

**يار ٻوليءَ جو نعرو هڻو**

**هر ڳالهہ پئون ٻارهان**

**پنج ئي آڱريون گيهہ ۾.**

هي اکر نہ آهن. هن سماج جي سچائيءَ جو واڪو آهن. طنز جو اِظهار اُيري آيو آهي. واڪو ڪري ڪجهہ بہ چوڻ همٿ جو ڪم آهي. اُن لاءِ وينا شرنگي داد لهڻي.

نئين ڪويتا ۾ ٻوليءَ جي اهم ڀوميڪا آهي. پراڻي عقيدي واري، يا ڪلهوڪي سنسڪارن واري ٻوليءَ جي عيوض اَڄ ليکڪ پاڻ اکرن ۾ نوان ارٿ ڳولهي رهيو آهي، نوان نوان تجربا، وشيہ جا مضمون بڻجي، سِٽن جي بيهڪ، رک رکاءُ ۽ اکرن جي ليہ تال سان چٽ بڻجي پڌرا ٿا ٿين.. من جي سنويدن شيلتا ئي نئين ڪويتا جي پيشڪش آهي.

اهڙو ئي درد شالني ساگر جي ڪويتا ۾ پسجي رهيو آهي. جنهن ۾ هن سرحد جي هن پار پنهنجي پياءُ کي پيغام موڪليو آهي. پڙهندي لڳو تہ هيءَ دنيا جي هر هڪ ڀيڻ جو نياپو پنهنجي پياءُ ڏانهن آهي. شالني لکي ٿي:

**تون ۾ مان هِڪَ ماءُ جا ڄاوا**
**اَنُ ٻنهي آ ساڳيو ڪاڏو**
**جلُ سنڌوءَ جو ساڳيو پيتو**
**ٽُنهنجي مُنهنجي ڌرتي ساڳي**
**مِٽي ساڳي، خون ٻہ ساڳيو**
**جيجل ماءُ ٻہ ساڳي**
**توکي جيجل سيني ۾ سانڍيو**
**مونکي ڇا دور ڌڪيليو.**

وطن جي پاڙن کان ڇنيل دلين جو دردُ آهي هيءُ!

اهڙي هڪ تاثير ڊاڪٽر روما جئسنگهاڻيءَ جي سوچ ۾ ٻہ آهي. پکيئڙا او پکيئڙا نالي گيت ۾ هوءَ چوي ٿي:

**پهرين جيءُ پري پنهنجي اَمڙ کي ڏسان،**
**پاڪرُ پائي، گلي لڳائي مان اَمڙ کي چُمان،**
**او پکيئڙا...**

شالنيءَ ۽ روما جي درد ۾ اسان سيني جو درد سمايل آهي.

ارجن حاسد جي لفظن ۾ ”اڄ جو غزل نئين ڪويتا جو عڪس آهي.“ تورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهہ چئي، پاڻ کي سجاڳ ڪري سگهي، غزل اَهڙي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي پروفيسر سنڌيا ڪُندناڻيءَ. جنهن ڪويتا کي غزل ڏانهن موڙي هيءُ نئون جامو پهرائيندي لکيو آهي،

ڌاري قوم ۾ ڦاٿي آهيان:

**اڙي اڇي مان ڦاٽي آهيان، هيءَ کهڙي آ ذات،**
**ڏاري قوم ۾ اڙجي ويس مان، ٻڌي نٿو ڪو بات،**
**ڏاريا نيٺ ته ڏاريا ٿيندا سمجهن ڪيئن جذبات،**
**مونکي پنهنجي ماروئڙن جي هر دم آهي تات.**

منهنجي هڪ غزل ۾، اِهائي سوچ ، اهو جذبو ۽ اَحساس مؤجود آهي. غزل جو مطلع پيش آهي:

**هيءَ سنڌ آ سياڻي، جنهن جي شهاڻي ٻولي،**
**جا هنج ۾ ڪٽي پيئي، مونکي سٽائي لولي.**

**هي سنڌ جا اڱڻ ۽ ماڙيون ۽ ماڻهو منڙا،**
**وسرئي نٿا سي وسرن، جن سان مون ڪيلي هولي**

**هي نئين ڪويتا جو آغاض آهي اَنت نه.......**

"سنويدنشيل اَنيو جو اظهار" نالي ليک ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش به اُنجي پريياشا کي خلاصو ڪندي لکيو آهي:

**"ڪويتا سنويدن شيل اَنيوَ ۽ تازا ٻوليءَ سان ذهن اندر رڌجندڙ مُسلسل Process آهي. شراب ٺهڻ جيان، ڪير ڦٽڻ جيان، ٻج ڦٽي سلو ٿيڻ جيان..."**

ٽي.ايس. ايليٽ جو چوڻ آهي:

"They who turn, return."

اَڄ جي اُيرندڙ قلمڪار گيتا بندراڻيءَ به پنهنجو هڪ تجربو پيش ڪندي ساڳي ڳالهه چئي آهي.

هوا جو "يو" ٽرن:

**ڪالهه هوا مون سان رُٺل هئي**
**اڄ مان خوش آهيان**
**هوا "يو" ٽرن وٺي مون ڏانهن آئي آهي.**

۽ هاڻ آخر نه چئي هڪ نئون آغاز چوان ته نيڪ رهندو، چاڪاڻ جو ڪويتا هڪ وهندڙ جهرڻو آهي، اندر مان نڪري ٻاهر اوتجڻ جو.....

زندگي هڪ پرولي آهي، هڪ سوال آهي، جنهن ڪان جواب طلب ڪندي پارو چاولا به نئين ڪويتا جو سرجن ڪندي چيو آهي:

**تون ۽ مان پيار جا ساٿي**
**راهه تي هلندي هڪ ٻئي جا رهبر**
**ڪڏهن تو مونکي سنڀاليو**
**ڪڏهن مونکي توکي جهلي ورتو**
**خواب ته رهيو خواب**
**حقيقت ۾ چا ائين جيئون ٿا.**

بيپناهه سوالن جو بس هڪ ئي جواب... ماڻ!
اِها به ته هڪ نئين ڪويتا آهي.

**ديوي ناگراڻي**
dnagrani@gmail.com

مقالو/ ڪنعيالال ليکواڻي



# ريٽا شهاڻيءَ جو سنڌي ڪٿا ساهت ۾ يوگدان

جديد سنڌي ادب جي اوسر ۾ پوني جي انيڪ ليکڪائن جو ساراهه جوڳو يوگدان رهيو آهي. اُنهن مان مکيه آهن: ايشوري جوتواڻي، تارا ميرچنداڻي، ريٽا شهاڻي، رکمڻي چئناڻي، رتنا گوڏيا، اَروڻا ڄيتواڻي ۽ اِندرا پوناوالا وغيره. اِنهن سڀني ليکڪائن سان منهنجو ويجهڙائپ ۽ پنهنجائپ جو ناتو رهيو. اسين لڳاتار پاڻ ۾ جدا جدا اَدبي ٻيٺڪن ۽ غير دستوري نموني گڏ جندا رهياسين.

اِنهن سڀني مان مختلف صنفن ۾ گهڻو ريٽا شهاڻيءَ (1934-2013) ئي لکيو. دراصل ڪلا ۽ ساهت جي کيتر ۾ هوءَ هڪ ترجمان جي روپ ۾ داخل ٿي. هن مرانيءَ جي مشهور ڪوي جي. ڊي هاڊگُولڪر جي رچنا ’گيت رامايڻ‘ کان متاثر ٿي، اُن جو سنڌيءَ ۾ ڪاويانواد ڪيو. اِتان ئي سندس ساهتڪ سفر جي شروعات ٿي. هن پاڻ ڄاڻايو آهي ته ’گيت رامايڻ‘ مُنهنجي سنڌي ساهت ۾ گهڙڻ جو دُوار آهي. (ٻيهريءَ جا ٻه پل 1994 ص.102). کيس گيت سنگيت ۾ دلچسپي هئي ۽ پارتي راڳ راڳڻين جي ڄاڻ هئي. اِن ڪري هن ’گيت رامايڻ‘ جي آڊيو ڪئسيٽ تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس دلي اِڇا هئي ته اِن ۾ پارتي راڳڻين سان گڏوگڏ سنڌي لوڪ راڳن جي

ٻہ سڳنڌ هجي. ان ڪري هن مشهور سنڌي سنگيتڪار ٻُلو سي. راڻي جي هدايتڪاريءَ ۾ سنڌيءَ جي لوڪپريہ ۽ ڪن نون راڳيندڙن جي مڌُر سُرن ۾ سينگاري ’گيت رامايڻ‘ سان گڏوگڏ ٻيا ٻہ اَنيڪ سنڌي رڪارڊ ڪرائي، ڪلاڪارن جو گُروپ ٺاهي ڪيترائي گيت سنگيت ۽ ڊانس جا اِسم پوني، ممبئي ۽ بينگلور وغيرهہ شهرن ۾ پيش ڪرايا. هوءَ پورا پنج سال سنڌي سانسڪرتڪ پروگرام پيش ڪندي رهي. مون سندس ڪيترا پروگرام پهرين قطار ۾ ويهي ڏسي اُنهن جي موج ماڻي. پروگرام ڏسڻ وقت ڪيترا ڀيرا منهنجي نظر اَزخود منچ تي هلندڙ پروگرام بدران سندس چهري تي اَٽڪي پوندي هئي. سندس مُکڙي جي هلڪي مُرڪ، چهري تي اُڀرندڙ مٽجندڙ ريکائون، اکين ۾ اُتساهہ ڀري چمڪ ڏانهن ڪي پل يڪٽڪ نهاريندو رهندو هوس، جنهن ۾ مونکي نظر ايندو هو ڪلاڪار جي ڪلاڪاريءَ جو چٽو عڪس! نظر ايندي هئي سندس اَٿاهہُ لگن، ايڪاگرتا ۾ پاڻ ڪي وساري ڇڏڻ جي ڀاونا!!

هڪڙي ڏينهن ايشوري جوتواڻيءَ مونکي ريٽا جي لکيل ڪويتائن جو پهريون مجموعو ’پنڪ وڄائين شنک‘ ڏيندي چيو. مان چاهيندس تہ تون هن ڪتاب تي مقالو لکي ساهت سڀا جي بيٺڪ ۾ پيش ڪر. مون سندس ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪئي. مون مقالو لکي ساهت سڀا ۾ پيش ڪيو جنهن ۾ پوني جا اَديب ۽ سنڌي ساهت ۾ چاهہ رکندڙ چڱي تعداد ۾ سڄڻ شامل ٿيا. اِن پروگرام ۾ ريٽا بہ موجود هُئي. اڳتي هلي هُن سنڌي ساهت سرجن ۾ تڪڙيون وکون وَڌايون

۽ جلد ئي اَدب جي ميدان ۾ پنهنجا پير پُختا ڪري ورتا. هن پاڻ کي ساهت سرجن لاءِ اَرپت ڪري ڇڏيو.

جلد ئي سندس بنگلو دستوري ۽ غير دستوري اَدبي ملاقاتن جو مرڪز بڻجي ويو. ٻاهران ايندڙ اديبن جون گڏجاڻيون گهڻي ڀاڱي ريٽا جي گهر ٿينديون هيون. سنڌ جي مشهور اَديبن شيخ اَياز ۽ غلام علي اَلانا سان منهنجي مُلاقات ريٽا جي گهر ۾ ئي ٿي. ريٽا جي صلاح تي ئي مون شيخ اَياز جي ملاقات جو شاندار پروگرام ڊيڪن ڪاليج جي سيمينار هال ۾ رکايو هو. منگهارام ملڪاڻي ۽ ٻين ڪيترن اَديبن سان ملڻ جو موقعو ريٽا جي گهر ئي مليو.

ريٽا ساهت جي سڀني مُکيه صنفن تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو. سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن: ’پنڪ وڄائين شنڪ‘ (1983)، ’منهنجي حد آڪاش‘ (1984) ۽ ’سوريه ياترا‘ (1987) وغيره. سندس پنج ڪهاڻي سنگره ۽ ست ناول ڇپجي چڪا آهن. ڪهاڻي سنگره آهن: ’منع ٿيل ميوو‘ (1988)، ’پڇڻ کي پڇاءِ‘ (1991)، ’سُوال ئي سُوال‘ (1998) ۽ ’رشتن جو رقص‘ (2005) ناول آهن: ’پنيرڪي جي پٽيڻ‘ (1985)، ’چنڊ ڪان سج تائين (1989)، ’پره جا پياڪ‘ (1992)، ڇُئي مُئي‘ (1995)، ’گونگي گگن سان گُفتگو‘ (2001)، ترڪٽا تروارا (2004) ۽ ’ست سُر ست ڏينهن (2004)، هت اِها ڳالهه ڏيان ڇڪائڻ جوڳي آهي تہ ريٽا ’پنيرڪي جي پٽيڻ‘، ’چنڊ ڪان سج تائين ۽ ٽئين ناول نئين ناول چوويهہ ڪلاڪ، ٿنهي کي گڏي ’پره جا پياڪ‘ شايع ڪرايو.

سندس مضمونن جا ٻہ مجموعا شايع ٿي چُڪا آهن: ’لپ ير مَهراڻ‘ (1997) ۽ ’جيون ۽ ساهتيہ‘ (2001). هن پنهنجي

چاچي منگھارام ملڪاڻيءَ جون جيون جھانڪيون ’سچ جون سمرتيون‘(1990) ۾ پيش ڪيون آهن. هُن ’ميرابائيءَ سان وارتالاپ‘ ذريعي هڪُ اَهمُ تجربو ڪيو آهي. ان ۾ هن ميرا جي جيون ۽ ڪرشن پريمُ سان گڏوگڏ اُن دور جي پنگتي بندشن جي خلاف ميرا جي جدو جهد جو بيان ڪيو آهي.

ريٽا پنهنجي آتم ڪٿا جا مکيہ واقعا ’گهنڊ ڇاڻ وڳو‘(1993) ۽ ’ٻپهريءَ جا ٻہ پل‘(1994) ۾ فنائتي نموني پيش ڪيا آهن. هن ٻہ سفرناما پڻ لکيا آهن: ’ڪٿوريءَ جي ڪاڻ‘ ۾ (1986) ۾ سويزرليند جي سفر ۽ ’جتي منهنجا اوئيئڙا‘ (2003) ۾ سنڌ جي سفر جو بيان ڪيو ويو آهي. ’’ٻبلي ۽ ٻيون ڪهاڻيون‘(1996) سنڌسُ ٻال ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هُن پنهنجي ٽن رچنائن جو پاڻ هنديءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. اِهي آهن: رنگ ريزواني رنگ دي‘ (’پرهہ جا پياڪ جو ترجمون (1912)، ’ميرابائي سي وارتالاپ‘ (2007) ۽ ’اَڪٿ ڪهاڻي ڪبير‘(2009).

متي جاڏايل رچنائن مان آسانيءَ سان اَندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس ساهت سرجن جو ڪيتر ڪيترو نہ گونا گونيت ڀريو ۽ وسيع آهي!

منهنجي هن مقالي جو مقصد سنڌي ڪٿا ساهت ۾ سِندس يوگدان مختصر ۾ پيش ڪرڻ آهي. ڪٿا ساهت ۾ ڪهاڻي ۽ ناول ٻئي شامل آهن.

ريٽا جي ڪهاڻين کي ٿُلهي ليکي ٻن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين قسم جون ڪهاڻيون زميني حقيقتن جي نوس يٿارٿ تي ٻڌل پيار نفرت، وفا ۽ بي وفائي، ظلم ۽ ودروهہ سماجي رشتن جي مشڪلاتن مونجهارن کي سلجهائڻ

جي ڪوشش واريون آهن ۽ ٻين قسمن جون ڪهاڻيون آهن سندس اَندر جي اُمنگن جي اُڏام ۽ سُپاويڪ سوچ جي گهرائيءَ واريون. اِنهن جا ڪي مثال هتي ڏجن ٿا.

سندس پهرئين مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’پراشچت‘ هڪ بگڙيل شخص جي سُڌرڻ جي ڪهاڻي آهي. سندس لڇڻن ڪري ڊاڪٽر شانتي بنسيءَ ڪان نفرت ٿي ڪري: پر اَن ڳالهہ جو جڏهن کيس پتو لڳي ٿو تہ هرويرو هو ايترو بُرو شخص ناهي، تڏهن هوءَ سندس ويجهو اَچڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پر هو خودداريءَ سبب اُن جو موقعو نٿو ڏئيس ۽ بنا ڪنهن جي سمجهائڻ جي سُڌري وڃي ٿو. پوءِ اَچي شانتيءَ جي پيار جو حقدار بڻجي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي سڀ ڪان وڏي خوبي اِها آهي تہ ٻنهي ڪردارن جي اوسر تمام دلچسپ ۽ سپاويڪ نموني ڏيکاري ويئي آهي. جيڪا ڪهاڻيءَ کي اَثردار بڻائي ٿي. ’حادثو‘ ڪهاڻيءَ ۾ موٽر جي حادثي جي شڪار اَشوڪ جي شيوا ڪندي پنڪي پاڻ کي گنهگاريءَ جي گهيري مان ڪڍي ساڻس پريم جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي وڃي ٿي.

ريٽا پهرئين پيار جي اُمنگن، اُتساهہ آشا، نراشا، جي ڏاڳي ۾ پوئي ڪي سُندر ڪهاڻيون بہ رچيون آهن. پنهنجي پريميءَ سان مِلڻ وڃڻ وقت سُڌا پاڻ کي ٽڙيل گُلاب ٿي محسوس ڪري. پر نِراس ٿي موٽڻ وقت پٽ تي پيل مُرجهايل گُل‘ (گل جا ڪي پل). پهرئين پيار جي هڪ طرفي نازڪ اَحساسن جون ڪهاڻيون آهن. ’اِشارو‘ ۽ ’پهاڙ جي پڪار‘.

هنن ڪهاڻين ۾ تمام سهج ڀاو سان ڄاڻايو ويو آهي تہ جوانيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي قدم رکندي پريم ۽ ڪشش جو سَلو ڪئن ٿو ڦُٽي؟ ’اِشارو‘ ڪهاڻيءَ جا هاسٽل ۾ رهندڙ بہ

ڇوڪرا پاڻ ۾ اِن ڳالهہ تي وڙهندا رهن ٿا تہ سامهون رهندڙ ڇوڪري ٻنهي مان ڪنهن کي پيار ڪندي آهي؟ پر جڏهن کين خبر پوي ٿي تہ هوءَ تہ ڪنهن ٽئين کي پيار ڪندي آهي تڏهن هو وائڙا ٿي وڃن ٿا! ’پهاڙ جي پُڪار‘ اُمنگن ڀرئي پيار جي هڪ طرفي اَحساس جي ڪهاڻي آهي. ’ٽي عڪس‘ پڻ خوبصورت ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هڪ ليکڪا ۽ ٻئي شهر ۾ رهندڙ ليکڪ جو پاڻ ۾ خطن رستي مترتا جو رشتو قائم ٿي وڃي ٿو. پر جڏهن هڪ ٻئي سان گڏجن ٿا، ڳالهائين ٻولهائين ٿا تڏهن اِئين لڳين ٿو تہ ’توکان وڌيڪ، توکان پيارو تہ تنهنجو تصور آهي.‘

ريٽا جي مَنَ ۾ مَردن جي ظلمن، بي وفائيءَ، بد نيت ۽ بُري نظر جي خلاف بي حد غصو ۽ ودروهہ ڀاوُ آهي. هوءَ مَحسوس ڪري ٿي تہ جهڳي جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ مايا هجي (هي تو چا ڪيو؟) يا سماج جي اوچ طبقي جي سونيا (ويجهو ايندڙ پل) يا موهنا (پڇڻ کي پڇاءِ) هجي، هوءَ مرد جي ظلم، بي وفائي ۽ ناجائز سنٻنڌن جو شڪار ٿئي ٿي. ڪيس لڳي ٿو تہ مرد اَڪثر بدنيت ۽ بُري نظر رکندڙ هوندا آهن، سندن اَک ٻين عورتن ۾ هوندي آهي ۽ هو مترتا ۽ وشواس جا پاڪ رشتا وساري نيچ حرڪتون ڪرڻ جا وجهہ ڳوليندا رهندا آهن. ’مرد ڙي مرد‘ ’پرزم جا پرزا‘، ’ساهيڙي ڇو ڀڳي‘ ۽ ’گفتگو‘ ڪهاڻيون اِن جا مثال آهن.

’مرد ڙي مرد‘ جي اَنو پنهنجي گهوٽ اَشوڪ کي ٻڌائي ٿي تہ شرميلا کي ڪو گمنام شخص فون تي فاحش ڳالهيون ڪري ڏاڍو پريشان ڪري رهيو آهي. ٻئي ساهيڙيون اُن شخص کي سبق سوڌو پڪرڻ جي رٿ رٿين ٿيون. اَنو اهو

ڏسي عجب ۾ پئجي وجي ٿي ته اِها گندي حرڪت ڪندڙ ٻيو ڪو شخص نه پر سندس گهوٽ اَشوڪ ئي آهي! ’پرزم جا پرزا‘ ۾ ميرا هڪ ستار وڄائيندڙ ڪلاڪار جي ڪلا تي موهت ٿي ڪيس پنهنجي شهر ديهرادون ۾ پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ مڃائي وٺي ٿي. اُتي هو مسوُري گهمڻ جي اِڇا ظاهر ڪري ٿو. جڏهن هوءَ ڪيس چوي ٿي ته سندس گهوٽ ۽ ٻين دوستن سان گڏجي اِهو پروگرام ٺاهي وٺبو تڏهن هوڪيس چوي ٿو، ’نه نه.... ائين نه! رڳو توهين ۽ مان هلنداسين!‘

۽ هڪ متزڪي جو اَحساس! هماليه جي چوٽيءَ تان بلوري شيشو هيٺ ڪري چڪناچور ٿي ويو! ’ساهيڙي جو پڳي‘ جي نائڪا جڏهن پنهنجي پڪي ساهيڙيءَ جي گهر ٻارن سان ناسڪ گهمڻ وڃي ٿي تڏهن سندس ساهيڙيءَ جو گهوٽ وجهه ملندي پنهنجي ئي گهر ۾ هن کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هوءَ اُن ڏينهن ئي سندس گهر ڇڏي وڃي ٿي. ساڳئي نموني ’گفتگو‘ جي نائڪا جي گهوٽ جو دوست مرندي دم تائين ڪيس پريشان ڪندو رهي ٿو، پر هوءَ پڇاڙيءَ تائين ڪيس ويجهو نٿي اَچڻ ڏئي.

ڇا اِن قسم جون حرڪتون رڳو مرد ئي ڪن ٿا، عورتون نه ٿيون ڪري سگهن؟ اُن سوال جو جواب ڏيندي رجنيش چوي ٿو ته، عورتون ڏيکاءُ ڪنديون آهن ته هنن کي سيڪس، فاحش سيڪس کان نفرت آهي. اِن ۾ ڪين ذرا به چاهه ناهي، پر سچ اِهو آهي ته ڪين پڻ اُن ۾ اوترو ئي رس هوندو آهي جيترو مردن کي، مگر هنن سان ڏکيائي اِها آهي ته هو پنهنجي اِن چاهنا کي اِظهاري نه سگهنديون آهن ڇو جو سدائين ڪين اِهو دپُ والاري وٺنو هوندو آهي ته مرد ڪين

پنهنجي اُپيوگ جي وستو نہ بڻائي ڇڏين. اُن ڪري ئي هو ڦرين پنهنجي سونهن ۽ ڪشش سان مرد کي موهي ڇڏين ٿيون، پوءِ وري پنهنجي اِنڪار جي هٿيار سان کين شڪست ڏيئي ڇڏين ٿيون.

دراصل بي وفائي ۽ ناجائز ناتا رڳو جديد زندگيءَ جا سراپ ڪينهن، اِهي تہ اُن زماني کان هلندا پيا اَچن جڏهن کان اِنسان پنگتي زندگيءَ جو سرشتو اَپنايو آهي. پر هو پاڻ کي ڌرمي ۽ اِخلاقي بندنن، پاڪ پنگتي سنبندن شخصي سنسڪارن ۽ مريادائن سبب پاڻ تي ضابطو رکڻ تي هري ويو آهي.

ريٽا جون 'آخر اِئين ڇو؟'، 'اُها رات' ۽ 'آمين' جنسياتي مسئلن تي لکيل پُرُ اثر ڪهاڻيون آهن. 'آخر ائين ڇو؟' جي نائڪا مائٽن جي مرضيءَ خلاف سريش سان شادي ڪري ٿي پر هوءَ کيس جسماني سک نٿي ڏيئي سگهي. جڏهن هو اِن ڳالهہ جي تهہ ۾ وڃي ٿو تڏهن خبر پوي ٿي تہ ٻالڪپڻ جي هڪ واقعي سبب هن جي من ۾ اِها ڳنڍ ٻڌجي ويئي هئي. 'اُها رات' آزاد سيڪس جي ڪهاڻي آهي. اوچ طبقي جي پاڙي ۾ رهندڙ نائڪا پنهنجي پتيءَ جي سهمتيءَ سان رڳو موج مستيءَ جي خيال کان مڙس بدلائڻ جي ڦهري کيل جو شڪار ٻڻجي ٿي. 'آمين' ڪهاڻيءَ ۾ هڪ معصوم ٻالڪا جي ريپ ڪرڻ ۾ نا ڪامياب شخص کيس زخمي ڪرڻ جي ڪيس ۾ پڪڙجي ٻہ ڇُٽي ٿو وڃي. اِها خبر پڙهڻ بعد ڪملا کي ننڍپڻ ۾ ساڻس ٿيل حرڪتون ياد اَچڻ تي پنهنجي پريميءَ جو ڇهاءُ وڇونءَ جي ڏنگ جيان لڳي ٿو ۽ هوءَ شاديءَ جو خيال من مان

ڪڍي وڪالت جي سکيا حاصل ڪري اُهڙين عورتن کي اِنصاف ڏيارڻ جو فيصلو ڪري ٿي.

اِن قسم جون بيباڪ ڪهاڻيون مان نٿو سمجهان تہ پوپٽيءَ جي علاوه بيءَ ڪنهن ليکڪا سنڌيءَ ۾ لکيون هونديون.

موضوع ۽ انداز بيان جي خيال کان ريٽا جون 'اَما'، 'سوال ئي سوال' ۽ 'ڪاش' وغيره تمام سٺيون ڪهاڻيون آهن. اِنهن ڪهاڻين جا ڪردار سورداس، گونگا ۽ ٻوڙا آهن جن کي اَپاهج ۽ جڏا ڪوٺي ديا جا پاتر سمجهيو وڃي ٿو. اِنهن بابت من ۾ اهڙا خيال آڻڻ نيڪ ناهي. سندن زندگيءَ ۾ پڻ ساڳيو ئي آنند ۽ اُتساهہ هوندو آهي. هو بہ جيون جي موج ماڻڻ جي قوت رکن ٿا. 'اَما' جي سورداس پوڙهي پاڻ سٺيون سُهڻيون چمپلون ناهي سگهندي آهي. وڪڻي سگهندي آهي، گراهڪن سان پنهنجائپ ڀرئي نموني ڳالهائي سگهندي آهي. ايترو ئي نہ قدرت جي مٿجنڊڙ رنگن روپن کي محسوس بہ ڪري سگهندي آهي. اُن جي موج ماڻي سگهندي آهي. 'سوال ئي سوال' اُن جوڙي جي نازڪ ناتن جي ڪهاڻي آهي جن مان عورت گونگي، ٻوڙي ۽ نابين آهي ۽ مرد گونگو. پر سندن وهنوار مان ڪٿي بہ ڪنهن قسم جي لاچاري نظر نٿي اَچي. سندن وهنوار جو هڪ چٽ ڏسو، 'مرد جي ساڄي هٿ جون آڱريون عورت جي ساڄي هٿ جي آڱرين مٿان پيانو وانگر هلي رهيون هيون تڪڙيون تڪڙيون ۽ عورت جا چپ چُري رهيا هئا، آواز کان سواءِ. 'ڪاش' ۾ پڻ گونگن ٻارن جي اُتساهہ ۽ اُمنگن جي جهلڪ پيش ڪئي ويئي آهي. سنڌيءَ ۾ اُن قسم جون ڪهاڻيون ورلي ئي نظر اَچن ٿيون.

’سياهه سُرنگهه سوچ جي گهرائيءَ جي پرتيڪ ڪتا آهي. ڪيس پنهنجيءَ ئي ٻڻايل سياهه سُرنگهه ۾ عجيب جَلوا ۽ راحت ڀري روشني نظر اَچي ٿي. ’آزمودو‘ پڻ هڪ پرتيڪاتمڪ ڪتا آهي. جنهن ۾ شهري گوڙ کان دور قدرت جي گود ۾ آزمودي روپي بزرگ سان مُڪاميل ٿئيس ٿو.

ڄاڻايل مثالن مان خبر پوي ٿي ته سندس سوچ جو دائرو تمام وسيع آهي، جيڪو ڪيس ٻين ڪهاڻيڪارن کان علحدو ڪري بيهاري ٿو. سندس ڪهاڻي پيش ڪرڻ جو ڍَانءُ پڻ نرالو آهي. هن فنائتي رت سُهڻي عبارت ۽ اُٽت جي خيال کان پاڻکن جو من موهيندڙ اَنيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن، اِن جو اِهو مطلب ناهي ته هُن جون سڀُ ڪهاڻيون سٺيون آهن.

شروعات ۾ هن ڪي ساڌارڻ ڪهاڻيون به لکيون. سندس ڪيترين ڪهاڻين ۾ ڪساوٽ جي ڪميءَ ۽ اَجايو وستار وڌيڪ نظر اَچي ٿو. هن پرشن جي ڪمزورين بابت جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن. اُنهن ۾ ڪلاتمڪتا گهٽ ۽ بيانبازي وڌيڪ نظر اَچي ٿي. اڳتي هلي منجهس اِظهار جي پختگي اَچڻ لڳي.

ريٽا جيڪي ناول لکيا آهن. تن مان ’پرهه جا پياڪ‘ خاص ڌيان لهڻو. جنءَ اڳ ۾ ئي ڄاڻايو ويو آهي ته هن پنهنجي ٽن ننڍن ناولن کي گڏي هِڪ ناول جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

هي واقعاتي بيانن تي رچيل ڪردارنگاريءَ وارو ناول آهي. اِن جي پهرئين ڀاڱي جو سوترڌار اَشوڪ آهي، ٻيون ڀاڱو سيما جي زبانيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي ۽ ٽيون ڀاڱو وري اَشوڪ جي زبانيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول جو مکيه

ڪردارُ آنند آهي. آنند جي ڪردار جي اوسر تمام دلچسپ ۽ اَثردار انداز ۾ پيش ڪئي ويئي آهي. شروع کان ئي هو ٻين ڪردارن کان علحدو ۽ آشاوادي ٿو لڳي. هو سيما جي پتا جو پيارو شاگرد آهي ۽ سيما جو گهرو متر. سيما ڪيس بيحد پيار ڪري ٿي، ٻنهي جو مڱڻو بہ ٿي وجي ٿو. پر دنيا داريءَ جي باري ۾ ٻنهي جي ويچارن ۾ زمين آسمان جو فرق رهي ٿو. اِن سبب سيما هن سان پنهنجو ناتو ٽوڙي ديپڪ نالي ممبئيءَ جي هڪ اَمير شخص سان شادي ڪري گهر گرهستي سنڀالي ٿي. آنند جو دوست اَشوڪ پڻ من ئي من ۾ سيما سان پيار ڪندو هو. پر هو اِن جو اِظهار نہ ڪري سگهيو هو. هوڏانهن آنند ودوانن ۽ مهاپرشن جي سمپرڪ ۾ اَچي جيون جا جُدا جُدا آزمودا حاصل ڪري، ولايت مان اوُچ تعليم پرائي وڏو ودوان آچاريہ بڻجي وجي ٿو. خطن رستي اَشوڪ سان سندس سمپرڪ جاري رهي ٿو. ممبئي جي دوري وقت اَشوڪ ۽ سيما سان سندس ملاقات بہ ٿئي ٿي. هو مرڻالنيءَ نالي نرتڪيءَ سان شادي پڻ ڪري ٿو، ۽ هو ٻئي گڏجي سڄي دنيا ۾ نالو ڪمائين ٿا. هونئن تہ سيما سکي آهي، بہ ٻار هئس، تنهن هوندي بہ هوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ عجيب خال محسوس ڪندي رهي ٿي. سندس گهوٽ جو لنڊن ۾ هارٽ فيل ٿئي ٿو. اُن بعد هوءَ سماج شيوا جي ڪاريہ ۾ لڳي وجي ٿي. آنند ۽ مرڻالني هڪ هوائي جهاز جي حادثي جو شڪار ٿين ٿا. سندن روسي مِتر هنن جي پٽ نندڙي آنند کي پارت اَچي سيما کي سونپي ٿو. هوءَ ان کي خوشيءَ سان قبول ڪري ٿي.

ڪھاڻيءَ جي اُٽت ايتري تہ دلچسپ آهي جو پڙهندڙ اِن جي وهڪري ۾ وهندو ٿو وڃي. هن ۾ غير رواجي ڪردارن ڪي پورڻ سهجتا سان اهڙي تہ سپاويڪ نموني پيش ڪيو ويو آهي جو پانڪ ماحول سان سمرس ٿي وڃي ٿو. ڪٿا ۾ ڪي ناٽڪي عناصر موجود آهن جيڪي ناول ڪي ڪافي دلچسپ بڻائي ڇڏين ٿا. هن ناول جو هڪ ڪمزور پهلو اِهو آهي تہ اِها ڪٿا مرڪزي ڪردار آنند ذريعي پيش نہ ڪرائي ٻين ڪردارن دواران بيان ڪئي ويئي آهي. اِن سبب هن ۾ اِسٿول واقعا وڌيڪ اَچي ويا آهن ۽ اَنتر من جي ڇيد جي ڪمي نظر اَچي ٿي. ڪن هنڌ وري سياسي حالتن جون ڳالهيون ۽ تڪنيڪي وشين جي اَجائي اُپٿار ڪئي ويئي آهي جا ڳالهہ تخليقي اَدب جي ضد ۾ اُيري بيهي ٿي. اِهي ڳالهيون ڪٿا ۾ سپاويڪ نموني ضرورت موجب نهڪي اَچڻ سان ئي نيڪ لڳن ٿيون ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪٿا جي اوسر ۾ ڪارگر ثابت ٿين ٿيون.

ٻي هڪ جگياسا جاڳي ٿي تہ ناول جا ڪردار سپاويڪ نموني ڇو نٿا مرن! آنند جا ماءُ پيءُ موٽر جي حادثي جو شڪار ٿين ٿا. اِندرو سمنڊ ۾ ٻُڏي مري ٿو، سيما جي گهوٽ جو هارٽ فيل ٿئي ٿو، آنند ۽ مرڻالني هوائي حادثي جا شڪار ٿين ٿا. سندن روسي متر جي پتني چاق چڱي ڀلي هوندي بہ اَچانڪ رب جي راهہ وني ٿي! ناول جي سرجڻهار وٽ ان جو ڪو نہ ڪو جواب ضرور هوندو. خير هن ناول ۾ اُهي سڀ گڻ موجود آهن جيڪي ڪنهن سُني ناول ۾ هئڻ گهرجن.

ريٽا جي هن ناول جي ساراهہ ڪندي سندري اُتمچنداڻيءَ ڪيس لکي ٿي تہ، 'پرهہ جا پپاڪ' جو هڪ هڪ ڪردار ڏاڍي پيار سان ويهي گهڙيو اَٿيئي. تمام ٿوريون

ليکڪائون ايڏا پَرَ پکيڙي هلنديون نظر ايندين. پريو ’وفا‘ لکي ٿو. ’ريٽا جي ناول‘ پرھ جا پياڪ‘ جي کھڙي ڳالھ ڪجي، بيشڪ قابل داد آهي. مونکي تہ ايترو پسند پيو جو ان کي ٻن دفعن پڙھڻ سان بہ دل نہ ڍاپي. ڇا تہ ناول ۾ ڪردار نگاري ۽ تصوير ڪشي آهي. سا بہ سُپڪ، سوادي ٻوليءَ ۾.

ريٽا پنھنجا ٻيا ناول زندگيءَ سان جڙيل مختلف موضوع ڪٽي نج عبارت ۾ لکيا آهن.

ڪرشن ڪتواڻي ريٽا کي لکي ٿو تہ، ’تون پنھنجن شخصي آزمودن کي اِنساني آزمودن جو روپ ڏيئي سگھي آهين.‘

سنڌ جي مشھور اَديب مھتاب محبوب ريٽا جي ساراھ ڪندي چوي ٿي تہ ’ريٽا جي رچنائن ۾ دل جي سچائي اوتيل هوندي آهي. هوءَ تخليق جي هر فريم ۾ هر اينگل کان فِٽ آهي. سندس لکٽيون پڙھندي ائين محسوس ٿيو آهي تہ هوءَ قلم کي مسُ بدران پنھنجي روح جي سچاين ۾ ٻوڙي ٿي لکي ۽ اِنھن لکٽين وسيلي هوءَ پڙھندڙ کي جڻ پاڻ سان گڏوگڏ وٺيو ٿي هلي. ائين لڳندو آهي تہ هوءَ خود پڙھندڙ جو روح هجي يا وري پڙھندڙ هن جي روح ۾ سمائجي ويو هجي!‘

F 5/ Flat No.3,
Hermes Heritage PhaseII,
Nagar Road,
PUNE- 411006
M - 9767842032
Email: kplekhwani@gmail.com

## شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب شُياس شرما ’سُجاڳ‘ جو



جنم : 12-4-1947 لاڙڪاڻہ (سنڌ) ۾ ٿيو.

ديهانت : 1-8-2026 اَحمداباد (گجرات) ۾ ٿيو.

اَسين سندس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

**- سنڌالاجي پريوار**

## شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب لڇمڻ اُڌارام ڀمڀاڻيءَ جو



جنم : 17-11-1938 تي ڪنڊيارو- نواب شاھ (سنڌ) ۾ ٿيو.

ديهانت: 5-7-2026 تي جئپور (راجسٿان) ۾ ٿيو.

اَسين سندس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

**- سنڌالاجي پريوار**



पियो करे। आख़िर जडहिं मथां वीह हज़ार डिनामांसि तडहिं वञी जानि छुटी। हिन पदूअ खे बेहोश करे अहिड़ी त सुई हंई जो हूअ वरी सुजाग ई कान थी।" नानक जे मुंह ते छोटिकारे जो अहिसास हुओ।

अञा उते ई बीठा हुआ त हुननि पंहिंजीअ माउ जी दांहिं बुधी - हूअ विफली रही हुई, "छोरा.... तव्हां हहिड़ो उगिरो पापु कयो, पैसा डेई न्याणीअ खे माराए छडियो...." हुन शायदि नानक जा अखर बुधी वरिता हुआ।

"पर अमां, तो ई त चयो हुओ त छोरी वञी मरे, तंहिं करे. ...." नानक पंहिंजी सफ़ाई डींदे चयो।

"मूं चयो मांइ त मुंहिंजीअ सिकीलधीअ धीअ खे मारायो, ख़ून करायो... अड़े जहिड़ी बि हुई, मुंहिंजी धीअ हुई, मुंहिंजे जिगर जो टुकुरु हुई। मूंखे तंगि कंदी हुई, मूं खे परेशान कंदी हुई,... हाइ तव्हां खे पंहिंजीअ सगी भेण लाइ ज़री बि ममता को न हुई, तिरु बि मोहु कोन हुओ.....।

ऐं पदूअ जी मौत जी हकीकत जाणी, हूअ ज़ोर ज़ोर सां ओछंगारूं डेई रुअण लगी।



डाक्टर जे वञण खां थोरी देरि बैदि ई नानक माउ जो सड॒ु ब॒ुधो - नानक ओ नानक.... ड॒िसु त हिन मुईअ खे अज॒ु छा थी वियो आहे।" नानक जड॒हिं माउ वटि पहुतो त ड॒िठाईं त माणसि पदूअ खे कमिरे में बंदि करण जी कोशिश करे रही हुई, पर पदू कमिरे में वञणु न पिए चाहियो। "अज॒ु त हिन ते अलाए कहिड़ो जिनु अची चढ़ियो आहे जो चुरे ई कान थी। मूं में भला एड॒ी सघ रखी आहे जो मां हिन खे ज़ोरी धिको ड॒ेई कमिरे में बंदि करियां।" माणसि जे ईएं चवणु ते नानक ज़ोर लग॒ाए पदूअ खे कमिरे में अंदरि बंदि कयो ऐं ब॒ाहिरां कड़ो ड॒ेई छड॒ियो।

"अलाए हीअ मुई बि कांव जी हड॒ी खाई आई आहे जो मरे बि नथी। भग॒वानु बि अहिड़नि माण्हुनि खे पाण वटि नथो घुराए मुंहिंजो त वसि पुज॒े त मां जेकर निरघट ते नंहुं ड॒ेई मारे छड॒ियांसि।" माणसि विफलंदे चयो, "मां त अची हिन मां फाथी आहियां, नानक तूं ई हिन जो को बिलो करि।"

"अमां, पदू जेकड॒हिं मरी वञे त तोखे ड॒ुखु त कोन थींदो न" नानक पुछियो।

"वञी मरे मुई निभाग॒ी, मूंखे छो ड॒ुखु थींदो ?" चवण लाइ त हूअ मुंहुं पको करे चई वेई, पर पोइ पाणु संभाले चवण लग॒ी "न...न, मुंहिंजो मतिलब...."

नानक चुपिचाप हुतां हटी वियो।

ब॒िए ड॒ींहुं डाक्टर जे क्लिनिक में नानक डाक्टर ते ज़ोरु ब॒धो त हू पदूअ खे हिन ज़िलत भरी ज़िंदगीअ मां छोटिकारो ड॒ियारे, घर जे सभिनी भातियुनि जी इहा ई मरज़ी आहे, वेंदे संदनि माउ जी बि। डाक्टर अवलि त इन ग॒ाल्हि लाइ त्यारु को न थियो, पर पोइ जड॒हिं नानक इहो लिखी ड॒िनो त डाक्टरी इलाज हलंदे जेकड॒हिं पदूअ जो मौत थिए थो त डाक्टरु उन मौत लाइ जवाबदार न थींदो, तड॒हिं हुन हा कई।

ऐं अज॒ु सभु ख़तमु थी वियो। मिटनि माइटनि ऐं अज़ीज़नि साहत जो साहु खंयो त चङो थियो जो वेचारी न्याणी वञी सुखी थी। नानकु पासीरो बीही पंहिंजे भाउ ऐं भाज॒ाईअ खे ब॒ुधाए रहियो हुओ - "भाउ, डाक्टर असुल मञे ई न। लिखिति में ड॒िनोमांसि तड॒हिं बि हा न

जी चेतना ख़तम थी वेंदी आहे जो न हू जीअरनि जी कतार में हूंदो आहे न मुअलनि जे, तडहिं बि लोक लजा जी लाचारीअ विचां, उन जा माइट, उन जो निष्फल इलाज कराईंदा रहदां आहिनि, जेतोणीक उन्हनि खे ख़बर हूंदी आहे त इहो इलाजु बे असर आहे....''

डाक्टर बुधी रहियो हुओ ऐं सिगरेट बि छिके रहियो हुओ, पर हुन को रद अमल कोन डिनो। राम वाइड़नि वांगुर पंहिंजे नंढे भाउ जा वीचार बुधी रहियो हुओ।

''डाक्टर तव्हां जो त अहिड़नि घणनि ई मरीज़नि सां वास्तो पियो हूंदो। केतिरा भेरा त मरीज़ सालनि जा साल मूर्छा में (कोमा में) प्या हूंदा आहिनि, संदनि दिलि धड़कंदी रहंदी आहे, नब्ज़ हलंदी रहंदी आहे, पर हू हिक लाश वांगुरु बिस्तरनि ते प्या हूंदा आहिनि। छा अहिड़नि मरीज़निखे जीअण जो हकु आहे ?''

''असांजे पेशे में ''मरसी किलिंग'' जो ज़िकिरु त आहे पर हिति हिंदुस्तान  में अहिड़ी गाल्हि सोचणु बि गुनाहु समुझी वेंदी आहे... हिति त कंहिं प्राणीअ खे ईएं छोटिकारो डियारणु महा पापु करे लेखियो वेंदो आहे।'' डाक्टर पंहिंजी सफ़ाई डींदे चयो।

''पर इहो बि तव्हां महिसूस कयो हूंदो डाक्टर त कहिड़ो बि वेझो अज़ीज़ छो न हुजे, बीमारीअ जे शुरूआती दौर में घर जो हर भाती उनजी तमामु घणी संभाल कंदो आहे, शेवा कंदो आहे, परघोर लहंदो आहे,पर जडहिं उहा बीमारी लाइलाज थी लंबी थी वेंदी आहे त हरको किनारो करणु लगंदो आहे। एतिरे कदुर जो पंहिंजा सगा बि थकिजी  पवंदा आहिनि। ऐं उन मरीज़ खे बारु करे समुझंदा आहिनि। बाहिरां खणी भली न कुछनि, पर अंदरि ई अंदरि दुआ पिया पिनंदा आहिनि त अहिड़े  जीअणु खां त हीउ वञी जल्दी सुखी थिए त सुठो.. डाक्टर इन भावना खे तव्हां छा चवंदा ?''

''इहा भावना लगभग ''मरसी किलिंग'' जे वेझो ई आहे, पर असां हिंदुस्तानियुन जा संस्कार खुली तरह उन खे वात सां कबूल न कंदा'' डाक्टर चयो ऐं उथणु जो सायो करणु लगो।

''डाक्टर मां तव्हां सां सुभाणे तव्हां जे क्लिनिक में गडिजणु थो चाहियां'' नानक चयो।

''बिलाशक अचो - पर फ़ोनु करे पोइ अचिजो।''

राम लाइ हिकु मसैइलो थी पियो। संदसि ज़ाल खेसि साफ़ साफ़ चयो त अहिड़ियुनि हालतुनि में हुन जो ऐं ॿारनि जो हिन घर में रहणु मुमकिन कीन हुओ, बहितर आहे त वापसि विलायत हलिजे या धार हली रहिजे। इहे ॿई ॻाल्हियूं राम लाइ ॻरियूं हुयूं। दुनियादारीअ जे डप खां हू माउ खां धार रही न पिए सघियो ऐं विलायत में सभु लॻ लाॻापा ख़तमु करे अचणु बैदि फैमिली सूधो वरी विलायत वञणु नामुमकिन हुओ। उन्हनि ई ॾींहंनि में पंहिंजीअ मुसाफ़िरीअ जो मुदो पूरो करे नानक बि घरि अची वियो हुओ, राम समूरी ॻाल्हि करे खेसि ॿुधाई, ''अदा हाणे हिन नरक में रहणु बेहदि ॾुखियो आहे।''

''पर बि करे छा थो सघिजे ? अमां कंहिं बि हालत में पदूअ खे पंहिंजियुनि अखियुनि खां परे करण लाइ त्यारु कोन आहे। जंहिं नमूने सां पदू घर में गंदगी फहिलाए थी। ॿारनि खे कंहिं बि महिल का बीमारी थियण जो अंदेशो आहे। अॼु त भला अमां खणी जीअरी आहे, सुभाणे का ॻाल्हि हेठि मथे थी वई त पोइ पदू खे केरु संभालींदो ? छा असां जूं ज़ालूं हिन खे हथु लाहिण लाइ त्यारु आहिनि ? नानक पंहिंजी लाचारी ॾेखारी। एतिरे में काल बेल वॻी ऐं डाक्टर अंदरि आयो। हर हफ़्ते पदूअ खे चेक अप करणु लाइ डाक्टर ईंदो हुओ - हिक किस्म सां हू ॼणु हिननि जो फ़ैमिली डाक्टरु थी वियो हुओ।

चेक अप खां पोइ हू हमेशह जियां जॾहिं पंज ॾह मिंट गप शप करण लाइ ब़िन्ही भाउरनि सां गॾु अचे वेठो त नानक ओचितो हिकु सवालु डाक्टर सां कयो।

''डाक्टर चावला, मरसी किलिंग बाबति तव्हां जो छा रायो आहे?''

डाक्टर तुर्त को जवाबु कोन ॾिनो। हुन सिगरेट दुखायो, हिकु लंबो कशु हंयो ऐं पोइ जवाबु ॾियण बदिरां नानक खां ई पुछियो, ''तव्हां इहो सवाल कहिड़े ख़्याल सां पुछियो आहे ?''

''अॼुकल्ह विलाइत में इन ॻाल्हि ते बहिसु हली रहियो आहे त कंहिं अहिड़े मरीज़ खे, जेको नुगिरी बीमारीअ में मुबतला थी, मरणु जहिड़ी हालत में पियो हुजे, जंहिं जी चाकु थियणु जो को बि इमिकानु न हुजे, उन खे का अहिड़ी इंजेक्शन हणी मारे छॾणु सवाबु जो कमु आहे या हत्या करण जहिड़ो ॾोहु। केतिरा भेरा कंहिं हादसे करे माण्हुनि

पर हाणे त खेनि हमेशह लाइ हिति ई रहिणो हुओ, इनकरे हू पदूअ जे हरकतुनि खां ख़ौफ़ खाइण लॻा। संदनि ॾाॾी बि अक्सर पंहिंजी धीअ पदूअ जो पासो खणंदी हुई। शुरूअ खां ई पदूअ सां गॾु रहंदे, माणसि खेसि कॾहिं चरी कोन समझंदी हुई ऐ हुन जूं हरकतूं कॾहिं बि खेसि चरियनि जूं हरकतूं न लॻंदियूं हुयूं, छाकाणि त हूअ इन्हनि ॻाल्हियुनि ते हिरी वेठी हुई। राम सिधे अणसिधे नमूने माउ खे समुझाइणु जी कोशिश कई त हाणे हिन ॿाराणे घर में पदूअ खे रखणु वाजिब न हुओ, पर माणसि हमेशह जियां पदूअ जो पासो खणंदे, हिन खे पाण खां धार रखणु कबूल न कयो। हा, एतिरो ज़रूर कयाईं त संदसि दवा जे डोज़ खां हिक गोरी वधीक ॾियणु लॻसि, जंहिंकरे पदू दवा जे असर हेठि वधीक वक़्त गुमसुम रहणु लॻी। पर उन जो हिकु उगिरो नतीजो इहो निकतो त कुझु ॾींहंनि खां पोइ पदूअ मथां दवा जो असरु ई ख़तमु थियणु लॻो ऐं हूअ अॻे खां वधीक छिती थी रड़ियूं चीख़ूं करण लॻी। माणसि खेसि ॿधी कमिरे में बंदि करे छॾींदी हुई, पर उते बि हूअ शांति करे न विहंदी हुई।

"छोरी, निभाॻी, हाणे ॾाढो तंगि कयो अथई। वञु, मरु वञी।" माणसि ख़फ़े थी हाणे कॾहिं कॾहिं चवंदी त हुई, पर थोरीअ देरि बैदि ई ॾाढे हुब सां पदूअ जी गंदगीअ जी सफ़ाई करणु शुरू कंदी हुई, संदसि फाटल कपिड़ा मटींदी हुई ऐं ॾाढीअ ममता सां पंहिंजनि हथनि सां हुनखे खाराइणु शुरू कंदी हुई। हिक ॾींहुं पदूअ जी उछलायल का शैइ जॾहिं राम जे ॿार खे वञी लॻी त हू हीसाइजी, ज़ोर ज़ोर सां रोइणु लॻो। उन सां गॾो गॾु पदूअ बि रड़ियूं करणु शुरू कयूं। माणसि खे अॼु पहिरियों भेरो पदूअ ते बेहद गुसो आयो। "मुई, चंडी, निभाॻी शल को मौतु अचई, तो त मूंखे असुलु तंगि करे छॾयो आहे... मां त अची तो मां फाथी आहियां... हे भॻवान, हाणे हिन छोरीअ खे घुराइ पाण वटि.... हिन त मुंहिंजो जीअणु हराम करे छॾियो आहे।" हुन ॿ चार धक पदूअ खे वहाए कढिया.... पर ॿिनि मिंटनि बैइदि ई, हुन पदूअ खे प्यारु करणु शुरू कयो, हुनखे परिचाइण लॻी ऐं पंहिंजनि हथनि ॾे अजीब नज़रुनि सां निहारण लॻी, जिनि सां हिन पदूअ खे धक हंया हुआ।

“पर बि अमां, हाणे तुंहिंजी वधंदड़ उमिरि आहे।, ऐं हेडांहिं पदू बि डींहों पोइ डींहुं वञे थी वधीक चरी थींदी। हाणे त चरियाइप में हथ पेर बि हलाए थी, किथे तोखे कुझु करे न विझे....” नानक पंहिंजी चिंता ज़ाहिर कंदे चयो हुओ, छाकाण त थोरा डींहं अगि ई पदूअ जे कपिड़नि वग़ैरह धोइणु लाइ रख्यिल माईअ ते पदूअ हिक किस्म जो हमिलो ई कयो हुओ ऐं उहा माई, रड़ियूं कंदे घरु छडे भजी वेई हुई।

“न अबा, हूअ मूंते हथु न हलाईंदी। उहा मुई माई हुन खे छेड़ींदी हुई तडहिं शायदि हूअ पाण तां ज़ाबतो विञाए खेसि कुझ करे वेठी।” माणसि पदूअ  जो पासो खणंदे चयो हुओ।

माउ जी बिरुध अवस्था थी वञणु करे बिन्ही भाउरनि फ़ैसिलो कयो त हाणे हिकु भाउ फ़ैमिलीअ सूधो हिंदूस्तान में माउ वटि अची रहे, सो रामु विलायत खे अलविदा करे, पंहिंजा बार वठी हलियो आयो हुओ। पहिरियां कुझु डींहं त सभु ठीक हलियो, पर पोइ हुन महिसूस कयो त संदसि बई नंढा बार कुझु कुझु हीसियल पिए नज़र आया। हू पंहिंजे ई घर में अहिड़ी ख़बरदारीअ ऐं संभाल सां हलंदा हुआ, जणु कंहिं अज़ग़ैबीअ हमिले खां बचाउ कंदा हुजनि। रवाजी बारनि वांगुर रांदि रूंदि करण अलमस्ती में घुमण फिरण बदिरां हू सियाणनि बारनि वांगुरु, सदाईं या त पंहिंजे कमिरे में दरु बंदि करे वेही पढ़ंदा हुआ या माउ जे साये में बाहिर निकरंदा हुआ। राति जो बि हू ज़ोर करे माउ सां ई गडु सुम्हंदा हुआ। राम जडहिं उन गाल्हि ते घणो ग़ौर कयो त खेसि लगो त संदसि बार पंहिंजीअ पुफीअ पदूअ खां बेहदि डिजंदा हुआ।

चरियाइप में अची जडहिं पदू शयूं फिटी करे भञंदी हुई या अधि अधि रात जो ओचितो पंहिंजे बंदि कमिरे में रड़ियूं कंदी हुई त बार बिल्कुल दहिलजी वेंदा हुआ ऐं छिर्कु भरे माउ खे चिंबड़ंदा हुआ। पहिरीं जडहिं बार महिने अध लाइ हिंदूस्तान घुमण ईंदा हुआ त संदनि अधु वक़्तु नानाणनि में गुज़िरी वेंदो हुओ ऐं बाकी थेरो घणो वक़्तु जेको हो पंहिंजे घरि गुज़ारींदा हुआ। उन में पदू संदनि लाइ हिकु रौंशो हूंदी हुई। हिंदूस्तान मां वञण बैदि पदू संदनि ज़हन मां निकरी वेंदी हुई ऐं विलायत में हू पंहिंजे कम कारि में लगी वेंदा हुआ।

वञी वेठा - बिल्कुल ख़ामोश। ''अमां उथु, हली कुझु खाउ पीउ।'' के खिन तरिसी नानक माउ खे चयो, पर हूअ गुम सुम वेठी रही।।

नंढपिण में ई पीउ जे गुज़ारे वञण सबबि रामु जीअं तीअं थोरो घणो पढ़ी लिखी, कंहिं दयालू माइट जी महिरबानीअ सां विलायत हलियो वियो ऐं किनि सालनि बैदि हुन पंहिंजे नंढे भाउ नानक खे उते घुराए वरितो। बि॒न्ही भाउरनि महिनत करे एतिरो कमाए वरितो जो खेनि लखाई कान पिए त कड॒हिं हू को ग़रीब हुआ। विच में वारे वारे सां हिंदुस्तान अची माउ ऐं भेण जी परघोर लहंदा हुआ। संदनि भेण पदमा जंहिं खे हू पदू चवंदा हुआ, आम बा॒रनि जियां न हुई ऐं जीअं तीअं वडी॒ थींदी वेई, संदसि दिमागु ज़ाबते मां निकरी वियो ऐं हूअ बिल्कुल चरी थी पई। खेसि कंहिं बि गा॒ल्हि जी साञह कान हुई। न खाइण पिअण जी, न उथण विहण जी, न बि॒यनि कुदिरती ऐं जिस्मानी गा॒ल्हियुनि जी।

विलाअत मां झझो नाणो आयो त माणसि ख़ूब पैसो ख़र्च करे संदसि इलाजु करायो, वड॒नि वड॒नि डाक्टरनि खां तपास कराई, पर हूअ लाइलाज हुई। चरियनि जी अस्पताल में बि खेसि भरती न कयो वियो। छाकाणि त हिकु त हूअ छोकिरी हुई, केरु जवाबदारी खणण लाइ त्यारु न हुओ ऐं बि॒यो त माणसि जो हिन में एतिरो त मोहु हुओ जो हूअ पंहिंजी पदूअ खे पाण खां धार न पई करे सघे। जेतोणीक पदूअ जी सेवा कंदे कंदे हूअ परेशान थी पवंदी हुई। हुनजे बदन जी सफ़ाई करणु,हुनखे स्नान कराइणु, हुनजो सींधि सुरमो करणु, केतिरा भेरा त ख़फ़े थी, हूअ बि रड़ियूं करे पदूअ खे दड़िका डीं॒दी हुई, घटि वधि गा॒ल्हाईंदी हुई, पर वरी बि अलाए छो खेसि पंहिंजीअ सिकीलधीअ धीअ जी सेवा करण में कुझु अहिड़ो त सुकूनु मिलंदो हुओ जो हूअ पंहिंजा कश्ट पंहिंजियूं परेशानियूं विसारे विहंदी हुई। केतिरा भेरा राम ऐं नानक संदसि तकलीफ़ डि॒सी खेसि सलाह डि॒नी हुई त जेकड॒हिं हूअ धीअ जो मोहु छडे॒ सघे त पदूअ खे रांचीअ या आगरे में दाख़िल कराए छडि॒जे, हूअ पागलख़ाननि में चरयनि सां थींदड़ अकूबतुनि जो तस्वुर कंदे ई ड॒की वेंदी हुई ऐं हथ जोड़े पुटनि खे चवंदी हुई त तव्हां अहिड़ियूं गा॒ल्हियूं न कयो, धीअ मुंहिंजी आहे - ज॒णी मूं आहे त मरण घड़ी ताईं हिन जी सेवा बि मां कंदसि, तव्हां परेशान न थियो।

कहाणी/लछमण भंभाणी



# ममता जो मौत

चिख्या जी अग्नी आहिस्ते आहिस्ते तेज़ थियणु लॻी ऐं उन मां हल्का हल्का ठकाअ निकिरण लॻा। आग जी गरमाइश खां पाण बचाइण लाइ माण्हूं परभरो थियण लॻा ऐं के ॿिनि जे त के चइनि जे ग्रूप में बिही दुनियादारीअ जूं ॻाल्हियूं करण लॻा। चिख्या ते जलंदड़ वीहनि - ॿावीहनि सालनि जी पदमा जा ॿई भाउर बि वण हेठां कंधु झुकाए वेठा हुआ, पर हुननि जे चहिरे ते हिन जुवान मौत लाइ ग़म जो को बि अहिॼाणु कोन हुओ। संदनि चहिरे मां पाण ईएं लॻो त ॼणु कंहिं वॾीअ मुसीबत मां छोटिकारो पातो हुजाऊं।

महिराज जॾहिं पॻिड़ियुनि जे वक़्ति ऐं जॻह जो एलानु कयो त सभिनी हलण जी कई। "पाण बि हाणे हलूं।" राम पंहिंजे नंढे भाउ नानक खे इशारो केर खेसि तरिसण लाइ चयो। "अञा बि चिख्या मुकमिल तोरि परे कोन्हे। पाण खे पंज ॾह मिंट तरसिणो पवंदो।" नानक वधीक दुनियादार ऐं चालाक हुओ। राम लाइ उहे पंज - ॾह मिंट तरिसणु बि अज़ाबु हुओ, पर मजबूरी हुई, छाकाणि त इहा चिख्या संदनि ई सॻीअ भेण जी हुई, तंहिंकरे ईएं आम रवाजी माण्हुनि वांगुर अॻिवाट हलियो वञणु संदनि लाइ वाजिब न हुओ।

जॾहिं हू क्रियाक्रम खां फ़ारिग़ थी घरि पहुता त घर में बिनह शांती लॻी पई हुई, कंहिं बि किस्म जो रोॼ राड़ो को न हुओ। ईएं महिसूस ई न पिए थियो त कुझु वक़्तु अॻु ई हिन घर मां हिक जुवान जमाण छोकिरीअ जी अर्थी निकती आहे। सिर्फ़ संदनि माउ हिक कुंड में वेही, गूंगा ॻोढ़ा ॻाड़े रही हुई। हूअ अकेली वेठी हुई, संदसि आसि पासि केरु बि कोन हुओ। ॿई भाउर आहिस्ते आहिस्ते हुन जे भरिसां

## ग़ज़ल/ मनोज चावला 'तन्हा'



तुंहिंजी यादि अचे, पर तूं अचीं नथी,
दिल खे साजु मिले, पर तूं अचीं नथी।

निशाँ जवाँ आहे, राति डि॒नो तो जो,
तुंहिंजी राह डि॒से, पर तूं अचीं नथी।

यादि कितकिताई ईंदी बि त हूंदई,
अखि तुंहिंजी मुरके, पर तूं अचीं नथी।

को नर्मु अनासरु, छुही चपनि वरतो,
तुंहिंजी चेल्हि सिके, पर तूं अचीं नथी।

तुंहिंजो नालो मुंहिंजे नाले सां गडु॒,
उडि॒री हवा छुहे, पर तूं अचीं नथी।

कूड़ी आहीं तूँ, कुड़ी कंहिं जाइ जी,
मेहंदी ख़्वाब डि॒से, पर तूं अचीं नथी।


C- 704 Sai Exotica,
B/h: H.P. CNG & Petrol Pump
New Shahibaug, Nana chiloda,
P.O. Naroda,
Ahmedabad-382330
Mob: - 8866997401

## ग़ज़ल/ बलू चोइथाणी



मुहिब सां मेलाप लइ मचंदी नदी,
समुंड सां हिक डी॒हुं पक मिलंदी नदी।

आहि निर्मलु पर न हूअ कमज़ोरु आ,
सख़्तु पथर खे बि आ गहंदी नदी।

ढुकु पिअण सां छो कसारी थी निड़ी,
डोहु कंहिं जो आ इहो पुछंदी नदी।

कोन आकड़ि आ चढ़े पर्बतु कड॒हिं,
पूज॒निअ आ लाह ते लहंदी नदी।

थसि ख़बर भुंइ भेणु खे डीं॒दो वरी,
जलु खणे सिजु कोन आ कुछंदी नदी।

आहि ख़ुशि हिर्दो पलनि सभु जीव पिया,
पर झटिनि वाघू मछियूं लुछंदी नदी।

पिया वहाइनि बेक़दुर नादान जे,
उञ भली ग॒ोल्हे न पो लभंदी नदी।

थधि बि एडी॒ छो कयूं जो ख़ुदि ड॒कूं,
नाव किअं हलंदी अगरि ज॒मंदी नदी।

मां न विहंदसि गति डि॒ठी तालाब जी,
मस्तु थी चवंदी रही हलंदी नदी।

T-26, Sainik Colony,
Sant Hirdaram Nagar,
Bairagarh, BHOPAL-452030
(M)- 9424413535

# Vimek Construction Co.
## Jalaram Constructions

we concret dreams

CIVIL CONTRACTOR

66- 7/C, Gurukul Road, Gandhidham (Kutch) 370 201. Phone : 257003 (M) 94264 90991

Thank You God For Every Thing

गम खाना और कम खाना, कठिन बड़े दो योग,
गम खाने से बैर घटे, कम खाने से रोग।

**PATRON**



**SHRI BAHADUR GANGARAM BHAGIA**

- VINOD C. RATHI 94264 90991
- MEHUL V. OZA 94280 32008
- KARSAN B. PRAJAPATI 94297 26722
- KAMLESH K. PRAJAPATI 94270 88981

❖ GOD HELPS THE DEVOTED, DUTIFUL SEEKER ❖


Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540

scan - 9327007002